Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :12 | اڱارو 17 آڪٽوبر 2023 ع بمطابق 30 ربيع الاول 1445ھ | شمارو: 06 | قيمت 10 روپيا

نگران وزيراعظم پاران سي پيڪ تي عملدرآمد جي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ

ان منصوبي پاڪستان جي سماجي ۽ اقتصادي منظرنامي کي بدلائي ڇڏيو آهي، اسان جو رشتو ماضي، حال ۽ مستقبل جو آهي، ان حقيقت کي ڪا بہ شيءِ نہ ٿي بدلائي سگهي: انوارالحق ڪاڪڙ

چين پاڪستان دوستي خطي ۾ امن ۽ استحڪام جو سبب آهي، پاڪستان ۽ چين ويجها دوست، حصيدار ۽ مضبوط پائرن جي حيثيت سان گڏيل مستقبل جي منزل طرف وڌي رهيا آهن

اسان صدر شي جن پنگ جي ويزن ۽ مدبرانہ صلاحيتن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا جنهن 10 سال اڳ بني نوع انسان جي لاءِ گڏيل مستقبل جي لاءِ هڪ ڪميونٽي جو ويزن پيش ڪيو

هم آهنگي ۽ گڏيل دارومدار تي چين جي بيلٽ اينڊ روڊ انيشي ايٽو جي فليگ شپ منصوبي طور تي پاڪستان بي آر آئي ۾ شامل ٿيندڙ ملڪن ۾ پهريون ملڪ هو

سي پيڪ پاڪ چين لاڳاپن ۾ اهم سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو، جديد انفراسٽرڪچر کي اپ گريڊ ڪيو آهي، علائقائي رابطن کي وڌايو آهي، توانائي جي حفاظت کي يقيني بڻايو آهي ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪيا آهن

اسان حل نہ ٿيندڙ تڪرارن ۽ دهشتگردي جي ڪري ڏگهي عرصي تائين نقصان ڪڻڻ سان متاثر ڏکڻ ايشيا ۾ علائقائي امن کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ گڏيل احترام تي ٻڌل ڳالهہ ٻولهہ ۽ تعميري ڳالهہ ٻولهہ جي حمايت ڪريون ٿا

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چين پاڪستان اقتصادي لنگهہ تي عملدرآمد جي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي تہ ان منصوبي پاڪستان جي سماجي ۽ اقتصادي منظرنامي کي بدلائي ڇڏيو آهي، اسان جو رشتو ماضي، حال ۽ مستقبل جو آهي، ان حقيقت کي ڪا بہ شيءِ نہ ٿي بدلائي سگهي، چين پاڪستان دوستي خطي ۾ امن ۽ استحڪام جو سبب آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

بيجنگ: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي چين پهچڻ تي آجيان ڪئي پئي وڃي

غزا ۾ شهيد فلسطينن جو انگ 2600 کان وڌي ويو، هزارين زخمي، اسرائيل پاران رفح ڪراسنگ ۾ موجود اسپتال کي بہ خالي ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني وئي

پاڪستان هڪ ڀيرو ٻيهر غزا ۾ ترت جنگ بندي ۽ ناڪابندي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

غزہ تي اسرائيلي ڪارروائين ۾ تيزي آئي، 'تباهي' کان بچڻ لاءِ فوري امداد موڪلي وڃي: صحت جو عالمي ادارو

اسان مظلوم فلسطيني عوام سان ايڪي جو اظهار ڪيون ٿا ۽ ترت جنگبندي سميت غزا جي ناڪابندي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيون ٿا : نگران وزيراعظم

اسرائيل پاران غزا ۾ شهرين کي ڄاڻي واڻي نشانو بڻائڻ مذمت جوڳو عمل آهي، معصوم شهرين کي بڻانو بڻائڻ تهذيبي اصولن ۽ عالمي قانون جي ڀڃڪڙي آهي

گڏيل قومن ۽ عالمي برادري کي غزا تائين امدادي سامان جي پهچ لاءِ راهداري کولڻ گهرجي، هو غزا جي بگڙجندڙ صورتحال تي او آءِ سي ۽ ميمبرن ملڪن سان رابطي ۾ آهن

نگران پرڏيهي وزير 18 آڪٽوبر تي او آءِ سي جي ايگزيڪيٽو ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو ۽ غزا جي عوام جي تڪليفن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ تي زور ڀريندو

پاڪستان کي غزا ۾ جاري تشدد ۾ انساني جانين جي زيان تي سخت خدشا آهن : وزيراعظم آفيس طرفان سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان غزا ۾ فوري جنگ بندي ۽ ناڪابندي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪندي هڪ ڀيرو ٻيهر واضح ڪيو آهي تہ اسرائيل طرفان ڄاڻي واڻي بنا ڪنهن فرق جي غزا جي شهرين کي نشانو بڻائڻ نہ رڳو انساني بر بين القوامي قانون جي بہ ڀڃڪڙي آهي، وزيراعظم آفيس طرفان سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي پاڪستان کي غزا ۾ جاري تشدد ۾ انساني جانين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

بيت المقدس: اسرائيلي حملن ۾ شهيد فلسطينين جا مڙهہ ايمبولينس ذريعي کنيا پيا وڃن

فرخ حبيب پي ٽي آئي کان ڌار، استحڪام پارٽي ۾ شموليت

گذريل 5 مهينن کان پنهنجي گهرن ۾ موجود نہ هئاسين، 9 مئي واقعن ڪانپوءِ اسان قانون کي منهن نہ ڏنو : فرخ حبيب

3 هفتن کان مان پنهنجي فيملي سان بہ رابطو ختم ڪري ڇڏيو هو، جنهن جا ڪجھ ڪارڻ آهن

5 مهينن کان مسلسل سوچي رهيو هيس تہ مان ان سياست لاءِ پنهنجي سياسي جدوجهد شروع ڪئي هئي؟

لاهور (م ڊ) فرخ حبيب پي ٽي آءِ کي الوداع ڪندي استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي، لاهور ۾ استحڪام پاڪستان پارٽي جي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي فرخ حبيب چيو تہ گذريل 5 مهينن کان پنهنجي گهرن ۾ موجود نہ هئاسين، 9 مئي واقعن ڪانپوءِ اسان قانون کي منهن نہ ڏنو، 3 هفتن کان مان پنهنجي فيملي سان بہ رابطو ختم ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: اڳوڻو صدر آصف علي زرداري جي يو آءِ سربراهہ مولانا فضل الرحمان جي گهر پهتو، خوشدلمن جي وفات تي آصف علي زرداري جي مولانا فضل الرحمان ڪان فاتح خواني ڪئي

جيل ٽرائل خلاف قريشي پاران هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل

عدالت ٽرائيل ڪورٽ کي فرد جرم لاڳو ڪرڻ کان روڪي : درخواست جو متن

بنا ڪنهن نوٽيفڪيشن جي منهنجو جيل ٽرائيل جاري آهي

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) اڳوڻي پرڏيهي وزير شاهہ محمود قريشي بہ جيل ٽرائل خلاف اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

نوازشريف نگران حڪومت کان فلسطينين لاءِ خوراڪ ۽ دوائون اماڻڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

اسرائيلي جارحيت صرف فلسطين لاءِ نہ آهي پر پوري انسانيت تي حملو آهي : نواز شريف

ٻارن، عورتن سميت هزارين معصوم شهرين جي شهادت، انساني ضمير جي لاءِ وڏو سواليہ نشان آهي

دنيا کي خبر هجڻ گهرجي تہ فلسطين مسئلي جي مستقل حل کان سواءِ پائيدار امن هميشہ خطري ۾ رهندو


اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف (فائيل فوٽو)

سعودي عرب (م ڊ) نوازشريف نگران حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي تہ هو هر عالمي فورم تي فلسطيني ڪاز جي حق ۾ آواز اٿاري ۽ مظلوم فلسطينين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسرائيلي بمباري ۾ بي گهر ٿيل غزہ جا لکين فلسطيني مصر جي سرحد تي گڏ ٿيڻ لڳا

آمريڪا، اسرائيل ۽ مصر متاثر فلسطينين جي لاءِ رفح جي سرحد کولڻ تي اتفاق ڪري ورتو

مصر سان لڳندڙ سرحد رفاح تي هزارين فلسطيني گڏ ٿي ويا

ڪراچي (م ڊ) اسرائيلي بمباري ۾ بي گهر ٿيل غزہ جا لکين فلسطيني مصر جي سرحد تي گڏ ٿيڻ لڳا، اسرائيل پاران غزہ جي ناڪابندي سبب لکين فلسطيني بک، بيمارين، پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ کي منهن ڏيڻ لڳا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سعودي عرب ۾ 12 هزار افغانين جا جعلي پاڪستاني پاسپورٽ هٿ، جاچ لاءِ ڪميٽي قائم

گهرو وزارت، ڊي جي پاسپورٽ اميگريشن مصطفيٰ جمال جي سربراهي ۾ 5 رڪني ڪميٽي ٺاهي آهي : ذريعا

گهرو وزارت، نادرا ۽ ايف آءِ اي جي سينئر آفيسرن کي شامل ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (م ڊ) سعودي عرب ۾ 12 هزار افغانين کان جعلي پاڪستاني پاسپورٽس هٿ اچڻ کان پوءِ جاچ جي لاءِ ڪميٽي ٺاهي وئي آهي، ذريعن موجب گهرو وزارت، ڊي جي پاسپورٽ اميگريشن مصطفيٰ جمال جي سربراهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

زمينن تي قبضو ڪندڙ لينڊ گريبرن خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو

زمينن تان قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ اسپيشل ٽاسڪ فورس جوڙي وئي

ڊائريڪٽر اينٽي انڪروچمينٽ فورس راجا طارق چانڊيو جي سربراهي ۾ اينٽي انڪروچمينٽ فورس جو هنگامي اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ ڊي ايس پي آپريشن طارق اسلام، اي ڊي عبدالوحيد بلو ۽ ٻين شرڪت ڪئي : ترجمان

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ اربين رپين جي سرڪاري زمينن تي قبضو ختم ڪرائڻ لاءِ لينڊ گريبرن خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو ڪيو ويو آهي اينٽي انڪروچمينٽ فورس جي ترجمان جو چوڻ آهي تہ زمينن تان قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ اسپيشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي ۾ متحده پاڪستان ۽ پيپلز پارٽي آمهون سامهون: ايم ڪيو ايم ڪراچي کي دهشتگردي جي باهہ ۾ ڌڪيو هو: سعيد غني

متحده ٻوري بند لاشن ۽ ڀتي خوري کي پنهنجي سڃاڻپ بڻايو، متحده پاڪستان اندروني طور ڏڦيڙ جو شڪار آهي

پي ايس پي جي مافيا متحده کي هاءِ جيڪ ڪري ورتو آهي، هاڻي ڪراچي ۾ متحده جي ڪا بہ ڊرامي بازي هلڻ نہ ڏني ويندي

ايم ڪيو ايم جي سياسي سرگرمين تي پيپلز پارٽي واڻائپ جو شڪار آهي، پيپلز پارٽي کي ڪراچي تي قبضي جا خواب ڏٺلا ٿيندي نظر اچن ٿا

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ متحده پاڪستان ۽ پيپلز پارٽي آمهون سامهون، اڳوڻي صوبائي وزير سعيد غني متحده کي ڪراچي جي سياست جو مٿل گهرڙو قرار ڏيندي چيو آهي تہ ايم ڪيو ايم ڪراچي کي دهشتگردي جي باهہ ۾ ڌڪيو هو متحده /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: اڳوڻو صوبائي وزير سعيد غني ريلي دوران خطاب ڪري رهيو آهي

اهلڪار کي موڪلڻ تي جاچ آفيسر کي پوچھ هٽڻ جي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي عدالت پاڻ پيش ٿيڻ بدران ماتحتن کي موڪليندڙ ٻن پوليس آفيسرز کي گرفتار ڪرائي ڇڏيو جڊيشل ماجسٽريٽ جي عدالت جاچ آفيسر سب انسپيڪٽر سهيل ۽ سب انسپيڪٽر الياس شاهہ کي طلب ڪري هٿڪڙيون هڻايون، عدالت سب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

شاهدن جي تحفظ جو ايڪٽ: آءِ جي سنڌ کي نوٽيس جاري

نيشنل ايڪشن پلان 2014 ۽ 2021 موجب شاهدن جي تحفظ بابت قانون سازي ضروري آهي : درخواستگذار جو وڪيل

گڏيل قومن جي ڪنوينشن تي صحيحن سبب پاڪستان شاهدن جي تحفظ لاءِ قدم کڻڻ جو پابند آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ دهشتگردي جي ڪيسن ۾ شاهدن جي تحفظ لاءِ شاهدن جي تحفظ واري ايڪٽ تي عملدرآمد نہ ڪرڻ بابت ڪيس ۾ آءِ جي سنڌ، سنڌ جي گهرو ڪاتي ۽ ٻين کي 15 نومبر لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

پي ٽي آءِ اڳواڻ اعظم سواتي اشتهاري جوابدار قرار، گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم

اسپيشل جج سينٽرل اسلام آباد شاهہ رخ ارجمند پي ٽي آءِ اڳواڻ کي ڪيس ۾ لاڳيتو غير حاضر رهڻ تي اشتهاري جوابدار قرار ڏئي ڇڏيو

اعظم سواتي جتي نظر اچي ڪيس گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي : عدالت جو حڪم

اعظم سواتي جي لاڳيتو غير حاضري سبب عدالت سندس ضمانت پڻ رد ڪري ڇڏي هئي

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي عدالت پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ اعظم سواتي کي اشتهاري جوابدار قرار ڏئي ڇڏيو آهي، اسپيشل جج سينٽرل اسلام آباد شاهہ رخ ارجمند پي ٽي آءِ اڳواڻ اعظم سواتي جي تڪراري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

غير قانوني ترسيل برڊيهين
لاءِ آخري مهلت
باقي ڏينهن
14

جيل ٽرائل خلاف عمران خان جي درخواست رد

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق درخواست اڪلائڻ جو فيصلو ٻڌايو

فيصلو پي ٽي آءِ چيئرمين جي جيل ٽرائل خلاف داخل درخواست تي ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ چيئرمين جي جيل ۾ سائفر ڪيس جي ٻڌڻي خلاف درخواست اڪلائي ڇڏي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق درخواست اڪلائڻ جو فيصلو ٻڌايو فيصلو پي ٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

حڪومت هڪ دفعو ٻيهر پيٽرول، ڊيزل تي ٽيڪسز مارجن وڌائي ڇڏيا

ليوي جي شرح 50 روپين مان وڌائي 55 روپيہ في ليٽر مقرر ڪري ڇڏي

پيٽرول تي او ايم سي مارجن ۾ 47 پئسن جو اضافو ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت هڪ دفعو ٻيهر پيٽرول ۽ ڊيزل تي ٽيڪسز ۽ مارجن وڌائي ڇڏيا آهن دستاويز موجب هاءِ اسپيڊ ڊيزل تي پيٽروليم ليوي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ برسات، موسم ٿڌو ٿي ويو

اسلام آباد ۽ خيبرپختونخواهہ جي جابلو علائقن ۾ برفباري جو امڪان ظاهر

سنڌ جا مختلف علائقا بہ مغربي هوائن جي سلسلي جي اثر هيٺ آهن : موسميات کاتو

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ جي مختلف شهرن ۾ برسات سبب موسم ٿڌو ٿي ويو موسميات کاتي وڌيڪ برساتن ۽ برفباري جي اڳڪٿي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سنڌ ۾ نوڪرين تي پابندي وارو ڪيس قائم مقام چيف جسٽس حوالي

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ثنا اڪرم منهاس جي سربراهي ۾ سنگل بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

ٻڌڻي دوران عدالت چيو تہ جسٽس ظفر احمد راجپوت تي ٻڌل بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪري چڪي



ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي سنگل بينچ سنڌ جي مختلف سرڪاري کاتن ۾ گريڊ 1 کان 15 تائين جي نوڪرين تي پابندي بابت درخواست وقتي چيف جسٽس کي موڪليندي ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ثنا اڪرم منهاس جي سربراهي ۾ سنگل بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، ٻڌڻي دوران عدالت چيو تہ جسٽس ظفر احمد راجپوت تي ٻڌل بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪري چڪي آهي، ان ڪري معاملو وقتي چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ ۾ ميهڙ ٽيٽي قتل ڪيس جي ٻڌڻي

عدالت ٽرائل ڪورٽ کان رپورٽ طلب ڪندي ٻڌڻي 13 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

ڪيس ۾ ڊيگهہ ٿيڻ سان مشڪلاتون اينديون پر عدالتن مان انصاف جي اميد آهي: ام رباب

لاڙڪاڻو (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ ۾ ميهڙ ٽيٽي قتل ڪيس جي جوابدار جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ٿيام رباب چانڊيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

لياقت علي خان جي شهادت کي 72 سال گذري ويا

لياقت علي خان 1896 ع ۾ هندستان جي شهر ڪرنال جي نواب رستم علي خان جي گهراڻي ۾ اکيون کوليون

ابتدائي تعليم کان پوءِ 1918 ع ۾ علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان جي پهرين وزيراعظم لياقت علي خان جي شهادت کي 72 سال گذري ويا آهن، پاڪستان تحريڪ جي عظيم اڳواڻ لياقت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

برطانوي هاءِ ڪمشنر جي بلاول سان ملاقات، دلچسپي معاملن تي ڳالهيون

پ پ چيئرمين سان پاڪستان ۾ برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ ملاقات ڪئي

ملاقات دوران ٻطرفن لاڳاپن جي فروغ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان پاڪستان ۾ برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ ملاقات ڪئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: پ پ چيئرمين سان پاڪستان ۾ برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ ملاقات دوران بيٺل آهي

فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ کي غيرقانوني قرار ڏيڻ جو لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار

سپريم ڪورٽ فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ خلاف ڪمپنين جو معاملو نيپرا اپيليٽ ٽريبونل کي موڪلي ڇڏيو

لاهور هاءِ ڪورٽ جي سنگل بئنچ فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ کي غيرقانوني قرار ڏنو هو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ غيرقانوني قرار ڏيڻ جو لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيندي بجلي پهچائيندڙ ڪمپنين کي اڄ کان ئي فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ وصول ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو لاهور هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

معيشت بهتر ٿيڻ سان پاڪستان ۾ برطانوي سرمائيڪاري ۾ اضافو ٿيندو: جين ميريٽ

پاڪستان جي ٽيڪنالوجي جي شعبي ۾ پوٽينشل آهي جنهن ۾ برطانوي سرمائيڪاري اچي سگهي ٿي

ڪراچي اهو شهر آهي جتي برطانيہ ۽ پاڪستان جا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا آهن

اميد آهي تہ ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپار ۽ سرمائيڪاري ۾ اضافي جو تسلسل جاري رهندو: پاڪستان ۾ مقرر برطانوي هاءِ ڪمشنر

ڪراچي: (رپورٽر) پاڪستان ۾ مقرر برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ چيو آهي تہ چوندون ۽ معيشت ۾ بهتري اچڻ جي 6 مهينن کان پوءِ پاڪستان ۾ برطانوي سرمائيڪاري ۾ اضافو ٿيندو برطانوي هاءِ ڪمشنر پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

گئس جي اگهن ۾ هڪ سئو سيڪڙو کان وڌيڪ اضافي جو فيصلو

نگران وفاقي سرڪار پاران سياري کان اڳ گئس جي اگهن ۾ هڪ سئو سيڪڙو کان وڌيڪ اضافي جو فيصلو ڪيو ويو

هلندڙ مالي سال دوران گئس سيڪٽر جي گردشي قرضن ۾ 46 ارب روپين جي اضافي جو خدشو آهي : ناڻي واري وزارت

اقتصادي جائزي کان اڳ گئس جي قيمت ۾ سئو سيڪڙو کان وڌيڪ اضافي جو فيصلو ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سياري کان اڳ گئس جي اگهن ۾ هڪ سئو سيڪڙو کان وڌيڪ اضافي جو فيصلو ڪيو ويو آهي، نگران وفاقي سرڪار پاران سياري کان اڳ گئس جي اگهن ۾ هڪ سئو سيڪڙو کان وڌيڪ اضافي جو فيصلو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سنڌ جي صحت واري نگران صوبائي وزير پاران اين آءِ سي ايڇ ۾ آپريشن وارڊ جو افتتاح

ڊاڪٽر سعد خالد نياز ترڪي جي سفير ڊاڪٽر مهمت پاچاچي سان گڏ وارڊ جو افتتاح ڪيو

مان ٽيڪا جو شڪرگذار آهيان جو اها سنڌ ۾ صحت جي شعبي تي ڪم ڪري رهي آهي : ڊاڪٽر سعد خالد نياز

ٽيڪا تحت سنڌ ۾ ڪيترائي منصوبا جاري آهن، ترڪي پاڪستان جو پراڻو دوست آهي : خليل ابراهيم

ڪراچي (رپورٽر) نگران صحت واري وزير سعد خالد نياز ترڪي جي سفير ڊاڪٽر مهمت پاچاچي سان گڏجي پاڪستان ۽ سنڌ صوبي جي ٻارن جي سڀ کان وڏي اسپتال نيشنل انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ (NICH) ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: صحت واري نگران صوبائي وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز ترڪي جي سفير ڊاڪٽر مهمت پاچاچي سان گڏ اين آءِ سي ايڇ ۾ آپريشن وارڊ جو افتتاح ڪري رهيو آهي

ماتلي: گلاب لغاري پرسان مبينا طور زهريلو شراب واپرائڻ سبب فوتين جو انگ وڌي 6 ٿي ويو

ماتلي (رپورٽر) ماتلي پرسان گلاب لغاري شهر ۾ مبينا طور زهريلو شراب واپرائڻ سبب فوت ٿيلن جو انگ وڌي 6 ٿي ويو آهي، زهريلي شراب واپرائڻ سبب 68 ورهين جو سئو ميگهواڙ 40 ورهين جو ڪيمچند ميگهواڙ 45 ورهين جو ناڳجي ٻجائون، 50 ورهين جو فقيرو ٻجائون، 45 ورهين جو خانو ڪولهي ۽ 25 ورهين جو آچر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪڇي ۾ آپريشن جاري، 20 ڌوهارين هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا

هٿيار ڦٽا ڪندڙن ۾ 15 ڌوهارين جو تعلق بجاراڻي ۽ 5 ڌوهارين جو تعلق تيغاڻي برادري سان آهي : رينجرز ترجمان

ٻنهي برادرين ۾ پراڻي دشمني هلي رهي هئي، 2 هفتا اڳ رينجرز جي ڪوشش سان ٻنهي ڌرين ۾ ناهہ ڪرايو ويو

ٻنهي برادرين قانون جو احترام ڪرڻ جي خاطري ڪرائي آهي، رضاڪارانا طور گرفتاريون ڏيندڙن کي پوليس جي حوالي ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي ڪڇي ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن دوران بجاراڻي ۽ تيغاڻي برادري جي 20 ڌوهارين هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا، پنهنجي بيان ۾ رينجرز جي ترجمان چيو تہ هٿيار ڦٽا ڪندڙن ۾ 15 ڌوهارين جو تعلق بجاراڻي ۽ 5 ڌوهارين جو تعلق تيغاڻي برادري سان آهي، ڌوهارين پوليس ۽ رينجرز جي موجودگي ۾ پاڻ کي قانون جي حوالي ڪيو، رينجرز جي ترجمان چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪاڌو اسان جي عوام جي روزاني زندگيءَ ۾ لازمي ۽ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو: مرتضيٰ وهاب

شهرين کي معياري کاڌي پيتي جي شين جي فراهمي لاءِ فوڊ ٽيسٽنگ ليبارٽريون قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي : ميئر ڪراچي

هن خواب کي حقيقت ۾ آڻڻ لاءِ اڻٿڪ محنت ڪئي، انهن جو جذبو قابل تعريف آهي

جيئن اسان هن فوڊ ٽيسٽنگ ليب جو افتتاح ڪيو، اچو تہ ان ذميواري کي پورو ڪرڻ جو عزم ڪريون : آغا فخر حسين

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر بئرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ جديد ترين ٽيسٽنگ سهولتن سان گڏ فوڊ ٽيسٽنگ ليب جو قيام ڪراچي جي شهرين جي صحت ۽ ڀلائي جي تحفظ لاءِ اسان جي حڪومت جي عزم کي واضح ڪري ٿو اهڙن خيالن جو اظهار هن سومر ڏينهن هتي ڪراچي يونيورسٽي جي فوڊ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ڊپارٽمينٽ ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي فوڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: ڪراچي جي ميئر بئرسٽر مرتضيٰ وهاب جي صدارت هيٺ جاري اجلاس جو ڏيک

پيپر ليڪ مامرو، امجد سراج خلاف مهم، مافيا وي سي خلاف سرگرم

ڪراچي (رپورٽر) جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر امجد سراج ميمڻ خلاف ڪجھ عناصر لسانيت ۽ ٻين تعصبن تي ٻڌل من گهڙت خبرن جي مهم هلائي رهيا آهن، اصل ۾ اهي عناصر مافيا جو حصو آهن جيڪي پنهنجي ذاتي مفادن خاطر جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وقار کي نقصان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

يونس ڍاڳا طرفان شاهہ فيصل، لانڍي، ڪورنگي، مليرءِ بن قاسم جي سب رجسٽرار آفيسن جو اوچتو دورو

روينيو، صنعت ۽ واپار واري نگران صوبائي روينيو کاتي جي سب رجسٽرار جي آفيسن جو اوچتو دورو ڪيو

آفيسن ۾ رجسٽريشن جي التوا واري ڪيسن جو جائزو ورتو، لاڳاپيل عملدارن کان دير جو سبب پڇيو

آفيسن ۾ ايندڙ شهرين کان سندن مسئلن ۽ آفيسن جي ڪارڪردگي بابت ڄاڻ حاصل ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) روينيو، صنعت ۽ واپار واري نگران صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا شاهہ فيصل، لانڍي، ڪورنگي، مليرءِ بن قاسم ٽائون ۾ روينيو کاتي جي سب رجسٽرار جي آفيسن جو اڄ صبح جو اوچتو دورو ڪيو انهن آفيسن ۾ رجسٽريشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي فيصلي تي عمل نه ٿي سگهيو

ناراڪينال ۾ 12 هزار ڪيوسڪ پاڻي هجڻ باوجود منڍائون ڪئنال ۾ پاڻي جي روٽيشن برقرار

ٽيل ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف ناراڪينال ٽيل جي آبادگارن جي حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ اهم گڏجاڻي

اسان کي ٽيل ۾ پاڻي جو گيج پورو نه مليو ته ايندڙ گڏجاڻي ۾ لاعمل جوڙيو ويندو : اڳواڻ

ٺٽون ڪوٽ(رپورٽر) آبپاشي عملدارن سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي فيصلي تي عمل نه ڪيو. ناراڪينال ۾ 12 هزار ڪيوسڪ پاڻي هجڻ باوجود منڍائون ڪئنال ۾ پاڻي جي روٽيشن برقرار، ٽيل ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف ناراڪينال ٽيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽون ڪوٽ : گڏجاڻي بعد اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد سليم شاهه جي هدايتن تي سماجي برائين خلاف مهم جاري

ٽنڊو محمد خان(ب ر مظفر علي بروهي) ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد سليم شاهه جي هدايتن تي سماجي برائين خلاف جاري مهم دوران ڊي ايس پي ٽنڊومحمدخان محمدخان زئور تعلقي پوليس اسٽيشن جي ايس ايڇ او مراد علي بليدي وڏي نفري سان گڏ ڳوٺ محمدخان ڪوسو ۾ شراب جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

مانجهند پرسان گندو پاڻي واپرائڻ سبب گيسٽرو خطرناڪ صورت اختيار ڪري وئي

مختلف ڳوٺن جا 50 کان وڌيڪ مريض اسپتال پهتا، 2 ٻارڙا ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد ريفر

علائقي ۾ گندو پاڻي واپرائڻ سبب گيسٽرو مريضن جو انگ وڌيو آهي : ايم ايس ڊاڪٽر نديم جتوئي

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند پرسان گندو پاڻي واپرائڻ سبب گيسٽرو خطرناڪ صورت اختيار ڪري وئي، مختلف ڳوٺن جا 50 کان وڌيڪ مريض اسپتال پهتا، 2 ٻارڙا ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد ريفر تفصيل موجب مانجهند تعلقي جي ڳوٺ پٽ ڪاڇي ڳوٺ مير محمد ڪوسو ڳوٺ آميد علي برهماڻي ڳوٺ شاه اويس قرني ڳوٺ ڏيٺا ڳوٺ اٻڙا ڳوٺ ٻجورا سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دڙو ۾ زمين تي چڙهائي ڪري فصل ڪٽڻ ۽ مڇي چوري ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

ديهه آراڙو ۾ زمين آباد ڪندڙ ڪرٽ عالمون مڊل اسڪول جي هيڊماسٽر عبدالغني ميمڻ، جمال ناصر ميمڻ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بااثر جوابدارن دينو ملاح، اعجاز، ٻگو ملاح، مصطفي ۽ صدر ملاح مون تي حملو ڪري سخت زخمي ڪيو آهي : مظاهرين جون دانهون

جوابدارن کي فورن گرفتار ڪري نقصان جو ازالو ڪرايو وڃي، ٻي صورت ۾ برانچ موري سجاول ٺٽو اهم قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيو ويندو

دڙو (ن سنڌ يار) دڙو ۾ معزز استاد ۽ ٻين رهواسين جو ديه آراڙو ۾ واقع سندن زمين تي هٿياربندن پاران چڙهائي ڪري فصل ڪٽڻ ۽ فش فارم مان لکين روپين جي مڇي چوري ڪرڻ خلاف احتجاجي ڌرڻو، نعريبازي، بااثر جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ سجاول وايا پيلو ٺٽو قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻڻ جو اعلان. تفصيل موجب دڙو جي ديهه آراڙو ۾ زمين آباد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

دڙو : ڳوٺاڻا چڙهائي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو ۾ جماعت اصلاح المسلمين پاران مجلس عامله جو پروگرام ڪوٺايو ويو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون ون پاران مجلس عامله جو پروگرام برانچ اقصي مسجد دادو جي ميزباني ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ دادو زون 1 جي برانچ عهديدارن، ضلعي عهديدارن ۽ معزز خلفاءِ ڪرام شرڪت ڪئي. پروگرام جو آغاز قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪيو ويو نعت ۽ منقبت کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽنڊو محمد خان ۾ آل پاڪستان قريشي اتحاد جو اجلاس

سڀ گڏجي ملڪ ۽ صوبي ۾ تعليم جي لاءِ مختلف اسڪيمون شروع ڪري سگهون ٿا : اڳواڻ

اسان جو عزم انسانيت جي خدمت آهي، هي رستو نبي سڳوري حضرت محمد صلی الله عليه وسلم پاران ڏسيل آهي

ميلاد جي تقريب جي آخر ۾ فلسطيني ڀائرن لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي

ٽنڊو محمد خان (بر مظفر علي بروهي) آل پاڪستان قريشي اتحاد جو اجلاس ٽنڊومحمدخان جي ڳوٺ پاتار ۾ ٿي گذريو اجلاس کي خطاب ڪندي ايڊوڪيٽ محمد علي قريشي ، سردار ابو ظفر قريشي ، ظهور احمد قريشي ، عمرفاروق قريشي ۽ ٻين چيو ته اسان سڀ گڏجي پنهنجي ملڪ ۽ صوبي ۾ تعليم جي لاءِ مختلف اسڪيمون شروع ڪري سگهون ٿا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

مکلي پرسان پرائمري اسڪول محمد خان جوکيو گذريل 6 مهينن کان بند پيل

اسڪول جي بلڊنگس به زبون حال بڻيل، رهواسين پاران اسڪول کولرائي ٻارڙن کي تعليم ڏيارڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

گذريل 6 مهينن کان بند هجڻ ڪري هڪ سئو کان وڌيڪ ٻارڙا تعليم کان محروم بڻجي رهيا آهن : رهواسي

فورن بند ٿيل سندن پرائمري اسڪول کولرائي ٻارڙن کي تعليم ڏياري سندن ٻارڙن جو مستقبل سنواريو وڃي

ٺٽو(ب ر) مکلي پرسان لڪي سيمنٽ فيڪٽري جي ڳوٺ محمد سومار جوکيو جو پرائمري اسڪول محمد خان جوکيو گذريل 6 مهينن کان بند پيل، اسڪول جي بلڊنگس به زبون حال بڻيل، رهواسين پاران اسڪول کولرائي ٻارڙن کي تعليم ڏيارڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺٽو : انتظاميه جي نااهلي سبب بند پيل اسڪول جو ڏيک

شڪارپور : بيواهه ڊاڪٽر عطيا اسٽيٽ لائيف انشورنس ڪمپني لميٽيڊ خلاف شڪايت داخل ڪرائي ڇڏي

شڪارپور/سکر(نمائندن وٽان) بيواهه ڊاڪٽر عطيا اسٽيٽ لائيف انشورنس ڪمپني لميٽيڊ خلاف وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ ريجنل آفيس سکر ۾ ريجنل انچارج سيد محمود علي شاهه آڏو شڪايت داخل ڪرائي آهي. ڊاڪٽر عطيا، جنهن جو مڙس افسوسناڪ موت سان گذاري ويو، انصاف جي طلب ڪري رهي آهي جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر ضلعي ڪائونسل جي سينيئر ملازمن جي حق تلفي خلاف ريلي

ٻاهرين ضلعن جا ملازم ضلعي ڪائونسل ۾ مقرر ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

معامري جو نوٽيس وٺي ٻاهرين ملازمن کي هٽائي حقدارن کي حق ڏنو وڃي : مظاهرين

ضلعي ڪائونسل جا ڪوڙ سارا سينيئر ملازم ترقين جي اوسيئڙي ۾ ويٺل آهن جن جي حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ضلعي ڪائونسل جي سينيئر ملازمن جي حق تلفي ٻاهرين ضلعن جا ملازم ضلعي ڪائونسل ۾ مقرر ٿيڻ خلاف ضلع ڪائونسل ايمپلائيز ليبر يونين سي بي اي جي سڏ تي ريلي ڪڍي سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. نگران حڪومت کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ان سلسلي ۾ ضلع ڪائونسل ايمپلائيز ليبر يونين سي بي اي جي صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نڪرانو پرسان چنه برادري جي ماڻهن پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ڳوٺ ٻلهڙي جي رهواسين عبدالرشيد چنه، علي رضا چنا، شمس الدين چنه، برڪت، شوڪت ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪجهه بااثر اسان جي زمين تي قبضو ڪرڻ چاهن ٿا، اسان زمين خريد ڪئي هئي : مظاهرين جون دانهون

بااثر جوابدار اسان کي پڻ موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، جن مان اسان کي جان جو خطرو آهي

نڪرانو(ن سنڌيار) نڪرانو پرسان چنه برادري جي ماڻهن جو عورتن ۽ ٻارڙن سميت مبينا زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو انصاف جو مطالبو بااثر مالهو زمين وڪرو ڪري ڪانه ٿو ڏئي آهي ۽ هاڻ قبضو ڪري ويهي رهيا آهن انصاف فراهم ڪيو وڃي مطالبو خبر موجب نڪرانو ويجهو ڳوٺ ٻلهڙي جي رهواسين عبدالرشيد چنه، علي رضا چنا، شمس الدين چنه، برڪت، شوڪت، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نڪرانو : چنه برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ انڊس لائرس گروپ جي اڳواڻن پاران پليڪار تقريب ڪوٺائي وئي

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي 2023_24 جي اليڪشن جي صدارتي اميدوار جي ايم ڪورائي، انڊس لائرس گروپ جي اڳواڻن ايڊووڪيٽ امتياز احمد بروهي ۽ ايڊووڪيٽ رضوان احمد راڄپر جي اڳواڻي ۾ پليڪار تقريب ڪوٺائي وئي. ان موقعي تي انڊس لائيرس گروپ جي اڳواڻن امتياز احمد بروهي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪلوئي ۾ ٿر سٽيزن فورم جي گڏجاڻي، ورڪشاپ ڪوٺائڻ جو فيصلو

ٿر سٽيزن فورم جي آفيس ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، شهرين ۽ صحافين جي شرڪت

ورڪشاپ ڪوٺائينداسين، اسان ٿرپارڪر جي بنيادي مسئلن لاءِ جاکوڙ ڪنداسين : اڳواڻ

ٿر سٽيزن فورم ڪلوئي جا اڳواڻ رضا هالو عباس ٿري ۽ ٻيا وڏي انگ ۾ موجود هئا

ڪلوئي(ن سنڌيار) ڪلوئي ۾ ٿر سٽيزن فورم جي گڏجاڻي 22تاريخ تي ڪلوئي ۾ ورڪشاپ ڪوٺائڻ جو فيصلو خبر موجب ٿر سٽيزن فورم اڳواڻ اوپايو جوٽيجو ارباب خالد محمود جي ٿر سٽيزن فورم ڪلوئي جي آفيس ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي جتي شهرين صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي انهي موقعي تي ٿر سٽيزن فورم پاران گڏيل طور تي فيصلو ڪيو ويو 22تاريخ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٺٽي جي يوسي جهمپير جا 55 ڳوٺ يوسي جنگهڙي ۾ شامل ڪرڻ خلاف احتجاج

ٺٽين تڪبندين ۾ 55 ڳوٺن کي يوسي جهمپير بدران يوسي جنگهڙي ۾ شامل ڪيو ويو آهي : مظاهرين

ڪوهستان واسين کي روٽ ساڳئي يوسي ۾ واپس ڪرائڻ لاءِ فارم مهيا ڪيا ويا، نوٽيس ورتو وڃي

ٺٽو(ب ر) تازو ٿيل ٺٽين تڪبندين ۾ تعلقي ٺٽي جي يوسي جهمپير جا 55 ڳوٺ يوسي جنگهڙي ۾ شامل ڪرڻ واري عمل خلاف مقامي ڪوهستان واسي سخت پريشان ٿي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جاري ڪري ڇڏي آهي. ٻئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهرو فيروز ۾ ٿيليسيميا بابت آگاهي جو هڪ سيشن منعقد

ٿيليسيميا ۾ معصوم ٻارڙن جو پنهنجو رت ناهي ٺهندو : مجيب الرحمان خاصخيلي

29 آڪٽوبر آچر ڏينهن تي رنڊ موري وٽ معصوم ٻارڙن جي لاءِ ڪئمپ لڳائي ويندي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي نواب شاهه جي مينيجر مجيب الرحمان خاصخيلي پاران رنڊ موري نوشهرو فيروز ۾ ٿيليسيميا بابت آگاهي جو هڪ سيشن منعقد ڪيو ويو ان موقعي تي مينيجر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز : ٿيليسيميا بابت ٿيل گڏجاڻي جو ڏيک

گلاب لغاري ۾ مبينا طور زهريلي منشيات واپرائڻ سبب 2 ڄڻا فوت

الزام ۾ آيل ڊرميڊيڪل اسٽور بند ۽ گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا

انتظاميه پاران 3 ڄڻن جو پوسٽ مارٽم ڪري جزا ليبارٽري موڪيا ويا

گلاب لغاري(رپورٽ گلزار لغاري) گلاب لغاري ۾ مبينا طور زهريلي منشيات واپرائڻ سبب ٻه 2 ڄڻا ٻيا آچار ڀيل خانو ڪولهي فوت، فوتين جو انگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ميڊيڪل انٽري ٽيسٽ جو پيپر ليڪ: سنڌ حڪومت جي انڪوائري

جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر خلاف مافيا جي مهم

مافيا جو مقصد يونيورسٽي ۽ ان جي وائيس چانسلر کي بدنام ڪرڻ آهي

ڪراچي(رپورٽر) جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر امجد سراج ميمڻ خلاف ڪجهه عناصر لساني ۽ ٻين تعصبن تي ٻڌل من گهڙت خبرن جي مهم هلائي رهي آهي. اصل ۾ اهي عناصر مافيا جو حصو آهن جيڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

وارهه ۾ حمل پوليس ۽ چاچن خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاج

بااثر امڙ مٿان تشدد ڪري ٻه من ڪٽڪ ۽ 14 سونيون واليون کسي ويا آهن : ڳوٺاڻو

اسان غريب مسڪين آهيون نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي

وارهه(رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه ۾ حمل پوليس ۽ چاچن خلاف ڳوٺاڻي جو ماءُ ۽ مامي سان گڏ تعلقه پريس ڪلب اڳيان احتجاج، وارهه پرسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

وارهه : ڳوٺاڻا پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪري رهيا آهن

جهڏو پوليس جي سرپرستي ۾ جون ڀٽيون قائم

پوليس ڀٽن جي مالڪن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران مال ميڙڻ لڳي

پوليس کي پابند بڻايو وڃي ۽ هولسيل ڊيلرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي : رهواسي

جهڏو(رپورٽ ممتاز جوڻيجو) جهڏو ۾ پوليس جي سرپرستي ۾ تعلقي ۾ ٺري سازي صنعت جو درجو ماڻي وئي چار سو جي لڳ ڀڳ شراب جون ڀٽيون قائم پوليس ڀٽن جي مالڪن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران مال ميڙڻ لڳي ديسي شراب جي واهپي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نئون ديرو پرسان ڳوٺ سانول جروار ۾ ميلاد مصطفي' جي محفل

حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم پنهنجو پاڻ ۾ هڪ معجزو هئا : عالم

ولي ۽ اوليائن سيرت النبي صلعم جي روشنيءَ ۾ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پتي) نئون ديرو پرسان ڳوٺ سانول جروار ۾ ميلاد مصطفي' صلي عليه وآله وسلم وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو هي پروگرام غوثيه جماعت سهروردي رح جي مريد فقيرن فقير حاجي ارباب علي جروار ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نئون ديرو : جشن عيد ميلادالنبي ص جي تقريب جو ڏيک

نڪرانو ۾ جشن عيد ميلادالنبي ص جو پروگرام منعقد

علائقي جي مشهور نعت خوانن نعتون چئي ويٺلن جون دليون ٺاري ڇڏيون

عالمن حضرت محمد ص جي آمد جي موضوع سميت زندگي تي روشني وڌي

نڪرانو(ن سنڌيار) نڪرانو ۾ صحافي مير حسن منگي جي اڱڻ تي جشن عيد ميلادالنبي ص جو پروگرام منعقد نعت خوان پاران نعتون پيش خبر موجب نڪرانو ويجهو ڳوٺ بشيرآباد منگي ۾ جشن عيد ميلادالنبي ص جو شاندار پروگرام منعقد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

اسان وقت تي چونڊون چاهيون ٿا : ذوالفقار علي ٻهڻ

فلسطين جي عوام تي ٿيندڙ ظلم جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيان ٿو

اسرائيل جي دهشتگردي بند ڪئي وڃي ۽ فلسطيني عوام کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) اسان وقت تي چونڊون چاهيون ٿا انشاء الله سڄي ملڪ مان پيپلز پارٽي ڪامياب ٿيندي. فلسطين جي عوام تي ٿيندڙ ظلم جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيان ٿو. اهڙن خيالن جو اظهار پاڪستان پيپلزپارٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

بدين ۾ ڊپٽي ڪمشنر پاران ٻارڙن ۾ ويل چيئر ۽ سلائي مشينون ورهايون ويون

اسسٽنٽ ڪمشنر جي ڪوشش سان ويل چيئر ۽ سلائي مشينون ورهايون پيون وڃن : ڊي سي

تقريب دوران ڊاڪٽر هارون ميمڻ، سماجي اڳواڻ عبدالمجيد ميمڻ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو اسپيشل ايجوڪيشن سينٽر ۽ ريهيبليٽيشن سينٽر آف ملٽي پل هينڊيڪير چلڊرين جي نئين بلڊنگ جو دورو ڪيو. ان موقعي تي بدين ۾ ڊپٽي ڪمشنر پاران ٻارڙن ۾ ويل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

بدين : تقريب دوران ڊپٽي ڪمشنر ڳالهائي رهيو آهي

”صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيا“ شڪارپور جا صحافي روڊن تي نڪري آيا

يونين آف جرنلسٽس پاران سول سوسائٽي سان گڏجي ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، سخت نعريبازي

صحافي جان محمد مهر جي قتل کي ٻن مهينن کان مٿي عرصو گذري چڪو آهي پر قاتل گرفتار نه ٿيا آهن : مظاهرين

صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري ۾ هاڻي وڌيڪ دير برداشت نه ڪئي ويندي، نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

شڪارپور(رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيا، شڪارپور جا صحافي روڊن تي نڪري آيا. شڪارپور يونين آف جرنلسٽس پاران سول سوسائٽي سان گڏجي ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

JUSTICE FOR
JUSTICE FOR
JAAN MUHAMMAD MAHAR

شڪارپور : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان پرسان ڳوٺ حاجي سومار لغاري ۾ عيد ميلاد نبي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

ٽنڊو محمد خان(ب ر مظفر علي بروهي) تعلقي بلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ حاجي سومار لغاري جي لغاري هائوس ۾ فقير جان محمد شفيعي پاران عيد ميلاد نبي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو جنهن ۾ درگاهه عاليه مشوري شريف جي بزرگن ميان منير احمد مشوري صاحبزاده محمد حنيف نظروي خطاب فرمايو ان کان علاوه سابق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٺٽو پريس ڪلب جي ميمبر عمر ڪنڀار سان ايس ايڇ او پاران بدتميزي خلاف مظاهرو

احتجاج دوران ايس ايس پي آفتاب نظاماڻي ڌرڻو هڻندڙ صحافين پهچي ڳالهيون ڪيون

جيئي سنڌ محاذ جو ضلعي صدر امجد شورو، پ پ شهيد ڀٽو جو صدر بابو احسان ڀٽو ۽ ٻيا موجود هئا

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي جي سينيئر صحافي، مهراڻ چينل جي رپورٽر ۽ ٺٽو نيشنل پريس ڪلب جي ميمبر عمر ڪنڀار سان ايس ايڇ او ميرپور ساڪرو مظهر سومرو پاران ڪيل بدتميزي ۽ اڻڳي رويي تي اڄ ٺٽو جي سينيئر صحافين ٺٽو، جنگشاهي، گهارو، ميرپور ساڪرو جي پريس ڪلب جي اڳواڻن سميت سول سوسائٽي ۽ سياسي تنظيمن پاران اڄ نيشنل پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو محمد خان ۾ ذهني صحت جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان جاڳرتا ريلي

شاگردن، شاگردياڻين استادن سان گڏ جي هڪ واڪ اسڪول کان الفتاح چوڪ تائين ڪئي وئي

نفسياتي ۽ دماغي بيمارين جو علاج ان وقت ممڪن آهي جڏهن هن جي باري ۾ مڪمل آگاهي هجي : اڳواڻ

دماغي طور صحت مند رهڻ لاءِ راندين ۽ سٺيون ڪل ڀوڳ واريون ڳالهيون صحت تي بهترين اثر ڇڏينديون آهن

ٽنڊو محمد خان(ب ر مظفر علي بروهي) ذهني صحت جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان ٽنڊومحمدخان جي لال پائي سيڪنڊري اسڪول ۾ ذهني صحت جي حوالي سان جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ شاگردن، شاگردياڻين استادن سان گڏ جي هڪ واڪ اسڪول کان الفتاح چوڪ تائين ڪئي وئي جنهن ۾ ذهني صحت جي حوالي سان پمفلٽ پڻ تقسيم ڪيا ويا ان موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽنڊو محمد خان : شاگردياڻين پاران نڪتل ريلي جو ڏيک

نوشهروفيروز : بوائيز هائير سيڪنڊري اسڪول مٺياڻي ڪئمپس جي شاگردن پاران رورل هيلٿ سينٽر جو دورو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) گورنمينٽ بوائيز هائير سيڪنڊري اسڪول مٺياڻي ڪئمپس جي شاگردن سائنس پروجيڪٽ 2023 جي عنوان هيٺ پنهنجي اسڪول جي استادن جاويد علي سهتو ۽ شڪيل احمد چڇڙ سان گڏجي شهر جي اسپتال رورل هيلٿ سينٽر مٺياڻي پهچي نصاب ۾ مهيا ڪيل سوالن بابت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪي اين شاهه ۾ ڪتابي ميلي تي شاگردن استادن ۽ شهرين جي رش لڳل

سوين شاگردن کي ڪتابي ميلي ۽ ڪتاب جي اهميت بابت آگاهه ڪري ميلي جو دورو ڪرايو ويو

اسان توهان کي گهرجي ته هن جديد مصروفيات واري دور ۾ هڪ ڪلاڪ ڪتابن کي ڏجي : اڳواڻ

هن جديد مصروفيات واري دور ۾ هڪ ڪلاڪ ڪتابن کي ڏجي جئين هو اسان جي زندگي جا پيچيده رستا آسان ڪرڻ ۾ مدد ڪن

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽ : برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ روشني پبليڪيشن گشتي ڪتاب گهر پاران طبقاتي جدوجهد جي تعاون سان ٽي روزا ڪتابي ميلي جو ٻيون ڏينهن پرائيوٽ اسڪولن جي شاگردن استادن ۽ شهرين جي رش لڳل، تفصيل موجب خيرپور ناٿن شاهه ۾ روشني پبليڪيشن گشتي ڪتاب گهر پاران طبقاتي جدوجهد جي تعاون سان ٽي روزا ڪتابي ميلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سکر پوليس 64 ڏينهن گذرڻ باوجود شهيد جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ڪري سگهي

خاطريون ڪرائيندڙ سنڌ حڪومت ۽ پوليس جا نمائندا خاموش تماشائي بڻيل، احتجاج ۾ سوسائٽي جي شرڪت، نعريبازي

افسوس آهي ته صحافين ۽ وارثن کي انصاف جون خاطريون ڪرائيندڙ حڪومت ۽ پوليس خاموش بڻيل آهي : مظاهرين

جيستائين اصل قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي نه ٿو آندو وڃي جدوجهد جاري رکي ويندي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر پوليس 64 ڏينهن گذرڻ باوجود شهيد جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ڪيا خاطريون ڪرائيندڙ سنڌ حڪومت ۽ پوليس جا نمائندا خاموش تماشائي بڻيل، احتجاج ۾ سوسائٽي جي شرڪت، قاتل گرفتار نه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جي هدايتن تي چوپائي مال کي ويڪسين جو ڪم جاري

مٺي(ب ر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جي هدايتن تي چوپائي مال کي ويڪسين جو ڪم جاري آهي، روزانو جي بنياد تي مفت ۾ ويڪسين ۽ علاج ڪيو پيو وڃي، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ٿرپارڪر ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاڳيراڻي جي هدايت تي ٿرپارڪر جي چوپائي مال کي مختلف بيمارين کان بچاءُ جي ويڪسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دولتپور صفن ۾ جشن عيد ميلاد النبي صلی الله عليه وسلم وڏي عقيدت احترام جوش جذبي سان ملهايو ويو

شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران حضرت محمد مصطفي' صلی الله عليه وسلم جي ولادت جي شان ۾ مولود شريف نعتن جو سلسلو هلندو رهيو

حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم اسان کي پاڻ ۾ محبت امن ڀائيچاري سان رهڻ جو درس ڏنو : ٽي او ايليمينٽري قاضي احمد ممتاز علي سيال

ٻارنهن ربيع اول حضور ڪريم جي آمد جي رات آهي جيڪي الله پاڪ جا ٻانها ۽ سڀ مسمان وڏي عقيدي احترام سان ملهائيندا آهيون

دولتپور صفن(رپورٽر) دولت پور پرسان چندا سنگهه ۾ هر سال جيان اڄ ذيشان پبلڪ هاءِ اسڪول جي پرنسپال استاد وارث علي شاهه جي اڳواڻي ۾ جشن عيد ميلاد النبي وڏي عقيدت احترام جوش جذبي سان ملهايو ويو جتي زوردار نعرن سان سرڪار جي آمد مرحبا آقا جي آمد مرحبا جي گونج هئي. ان سلسلي ۾ اسڪول کي ساون جهنڊن، بينرن سان سينگاريو ويو جشن ميلاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

مسلمان حڪمرانن کي چوڙيون پائي ويهڻ گهرجي : علامه مقصود احمد ڊومڪي

اسرائيل پاران فلسطينين جي مظلومن جي مٿان ظلمن جي خلاف پاڪستان سميت مسلمان ملڪن جي خاموشيءَ تي افسوس ٿئي ٿو

فوج سياست سميت هر شعبي ۾ مداخلت ڪري ٿي ته اها اسان جي فوج آهي پوءِ امن ڏيارڻ جي لاءِ ڪجهه چو نه پئي ڪري

شيعه علماءِ کان سيڪورٽي واپس ڪئي وئي آهي جيڪڏهن ڪو به دهشتگرديءَ جو واقعو ٿيو ته ايس ايس پي شڪارپور ذميدار هوندو

خانپور(رپورٽ عتيق ابڙو) مجلس وحدت المسلمين جي مرڪزي اڳواڻ علامه مقصود احمد ڊومڪي خانپور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسرائيل پاران فلسطينين جي مظلومن جي مٿان ظلمن جي خلاف پاڪستان سميت مسلمان ملڪن جي خاموشيءَ تي افسوس ٿئي ٿو مسلمان حڪمرانن کي چوڙيون پائي ويهڻ گهرجي. شڪارپور، ڪنڌڪوٽ ڪشمور جي ڪچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خانپور : شيعه علماءِ اڳواڻ علامه مقصود احمد ڊومڪي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

جهڏو پرسان ڳوٺ غفور ڪنبوهه جي رهواسي عورتن پاران احتجاج، انصاف جي گهر

جهڏو(رپورٽر) جهڏو پرسان ڳوٺ غفور ڪنبوهه جي رهواسي عورتن ميران ۽ آنبو ڪولهي ميڊيا سينٽر جهڏو تي احتجاج ڪيو ان موقعي تي ميران ڪولهي چيو ته جهڏو پوليس بي گناهه منهنجي مڙس رامون ڪولهي کي پڪڙي ان تي شراب وڪرو ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته اسان سانگهڙ مان هتي جهڏو مزدوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

فقير آباد ۾ جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

ڪامريڊ فريد خاصخيلي، جسقم اڳواڻ زاهد شنباڻي، استاد مختيار پٽي، عامر شيخ، گدا شنباڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

سنڌ مان افغاني پناهگير کي نيڪال ڪيو وڃي جيڪي سنڌ لاءِ ناسور بڻيل آهن، افغاني سنڌ ۾ سنڌ تي قابض ٿيڻ چاهين ٿا : مظاهرين

نوٽيس وٺي افغاني سنڌ ۾ دهشتگردي ڪري سنڌ تي قابض ٿيڻ چاهين ٿا، افغانين سميت سنڌ مان ڌارين کي نيڪال ڪيو وڃي

فقيرآباد(رپورٽر) جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي سڏ تي سنڌ مان ڌارين جي نيڪالي لاءِ جيئي سنڌ محاذ پورهيت سنگت جي مرڪزي اڳواڻ ڪامريڊ فريد خاصخيلي، جسقم اڳواڻ زاهد شنباڻي، استاد مختيار پٽي، عامر شيخ، گدا شنباڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي سائين جي ايم سيد چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن مطالبو ڪندي چيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 17 آڪٽوبر 2023ع

سنڌ ۾ ترسيل پرڏيهين جو تعداد ۽ شماريات کاتو

پنهنجو عوام پلي بکون پيو ڪاٽي، ڪيڏي به خراب حالت ۾ هجي پر جڏهن اسان جي حڪمرانن کي ڏوڪڙن ۽ فنڊن جو آسرو هجي ته اهي پناهگيرن جا ڪٽڪ پالڻ ۾ به دير ڪونه ڪندا آهن ۽ نه صرف ڪٽڪ پالڻ پر چئن چئن ڏهاڪن تائين انهن جي مهمانداري جاري رهندي آهي. اهڙي ئي مهمان نوازيءَ جو منفرد مثال افغان پناهگيرن لاءِ به قائم ڪيو ويو آهي. هاڻي جڏهن اهي سرڪار کي سوڙهين هٿين اچي پيا آهن ته حڪومت غير قانوني طور تي ترسيل افغان پناهگيرن سميت سمورن ڌارين کي تڙڻ جو فيصلو ڪندي انهن کي 31 آڪٽوبر تائين پاڪستان مان نڪري وڃڻ جو الٽيميٽم ڏنو ويو آهي ۽ ان تي عمل نه ڪندڙن خلاف پهرئين نومبر کان ڪارروائي جو اعلان ڪيو ويو آهي. توڙي جو باقي اڌ مهينو مس وڃي بچيو آهي پر غير قانوني طور تي رهندڙ ڌارين خلاف ڪو سگهارو ڪريڪ ڊائون نه ٿي سگهيو آهي. ويتر حڪومتي اعلان کانپوءِ افغان پناهگيرن جي حمايت ۽ همدردي ۾ آواز اٿڻ لڳا آهن. ڪجهه وقت اڳ ملڪ ۾ غير قانوني طور تي ترسيل ڌارين جو تعداد 40 لکن کان وڌيڪ ٻڌايو ويو هو. افغان پناهگير جيئن ته گهڻي ڀاڱي سنڌ ۽ خيبر پختونخوا ۾ ترسيل آهن ۽ سنڌ ۾ به ملڪ جو ميگا سٽي ۽ گادي وارو شهر ڪراچي انهن جو مسڪن بڻيل آهي. سنڌ ۾ غير قانوني طور تي ترسيلن جو تعداد ڪيترو آهي، حيرت اها آهي ته سنڌ سرڪار وٽ اهڙي ڪا به ڊيٽا نه آهي. ان ڪري ان کي ٻين ادارن جي ڏنل ڊيٽا تي انحصار ڪرڻو پيو پوي. تازو آدمشماري ڪرائيندڙ وفاقي اداري شماريات طرفان سنڌ جي گهرو کاتي کي خط لکي آگاهي ڏني وئي آهي ته سنڌ ۾ "رڳو" 3 لک، 65 هزار، 36 افغاني، بنگالي، برمي، چيني ۽ ٻيا ڌاريا ترسيل هجڻ جي تصديق ٿي چڪي آهي. شماريات کاتي موجب سنڌ ۾ پهرين نمبر تي وڏو تعداد افغانين جو، ٻئي نمبر تي بنگالين جو، ٽئين نمبر تي چينين جو آهي، جڏهن ته چوٿين نمبر تي مختلف ملڪن مان آيل ڌاريا شامل آهن، جن جي ڳڻپ آدمشماري دوران ڪئي وئي آهي.

شماريات جي وفاقي کاتي سنڌ ۾ رهندڙ پرڏيهين جا جيڪي انگ اکر ٻڌايا آهن، اهي حقيقت کان بنهه پري ۽ انتهائي ٿورڙا آهن. اصل انگ ته تمام گهڻو آهي. هي اهو تعداد آهي، جن کي آدمشماري ۾ ڳڻيو ويو آهي. ظاهر آهي ته انهن ۾ اهي ڌاريا شامل آهن، جن جي رجسٽريشن ٿيل آهي يا وري پي آر او ڪارڊ رکندڙ آهن. جيڪي غير قانوني طور تي ترسيل ڌاريا آهن. ظاهر آهي انهن ته پنهنجي ڳڻپ ئي نه ڪرائي هوندي، ان خوف کان ته ڪٿي اڳتي هلي اهي ڪنهن پڪڙ ۾ نه اچي وڃن. سنڌ ۾ جيڪي ڌاريا آهن. هونئن ته اهي ٽيهن ئي ضلعن ۾ پکڙيل آهن، جن جي نشاندهي شماريات کاتي جي رپورٽ ۾ پڻ ڪئي وئي آهي پر انهن جو وڏو تعداد ڪراچي ۾ رهي ٿو، جتي نه صرف روزگار جا موقعا آهن پر انهن اتي غير قانوني وسنديون ٺاهي شهر جي ڊيموگرافي ئي تبديل ڪري ڇڏي آهي. ظاهر آهي ته انهن جو تعداد تمام گهڻو آهي. جيڪي غير قانوني طور تي هتي ترسيل آهن. جن افغانين ۽ ڌارين پنهنجي رجسٽريشن ئي نه ڪرائي آهي، انهن آخر پاڻ کي ڳڻپ ۾ ڪيئن شامل ڪرايو هوندو؟ هن وقت جڏهن ملڪ مان افغانين سميت غير قانوني طور تي ترسيل سمورن پرڏيهين کي تڙڻ جو اعلان ٿيو آهي ته اهي ڌريون، جن جا افغانين سميت ڌارين سان مفاد سلهاڙيل آهي، انهن آواز اٿارڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. اليڪشن ۾ اهي ئي افغاني انهن جي ووٽ بينڪ آهن ۽ هاڻي جڏهن اليڪشن کان اڳ ۾ ئي انهن کي تڙڻ جو اعلان ٿيو آهي ته انهن ڌرين جي ننڊ ڦِٽي وئي آهي.

اسان سمجهون ٿا ته سنڌ ۾ غير قانوني طور تي ترسيل افغانين، بنگالين، بهارين، برمين ۽ روهنگين سميت وڏو تعداد ترسيل آهي، جن جو تعداد ان کان تمام وڌيڪ آهي، جيڪي انگ اکر شماريات کاتي طرفان ٻڌايا ويا آهن. وفاقي حڪومت کي غير قانوني طور تي ترسيل ڌارين کي ڊي پورٽ ڪرڻ واري پنهنجي اعلان تي عمل ڪرائڻ گهرجي ۽ سنڌ حڪومت کي به ڌارين کي تڙڻ لاءِ تحرڪ وٺڻ گهرجي. مڃيون ٿا ته سنڌ سرڪار جا ڪجهه مسئلا آهن. جن ۾ اڳ ۾ ئي سٽيل جيلن ۾ وڌيڪ قيدين کي رکڻ جي گنجائش گهٽ آهي. ان کانسواءِ ڪجهه عدالتي معاملا ۽ قانوني پيچيدگيون به آهن پر انهن سمورن مسئلن جي باوجود به هي موقعو آهي جو غير قانوني طور ترسيل ڌارين کي تڙيو وڃي ۽ ان لاءِ اهڙو سخت ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو وڃي جو اهي ڪن پيچيدگين ۾ پوڻ بدران گرفتارين کان بچڻ لاءِ پنهنجن پنهنجن ملڪن ڏانهن مقرر ڪيل تاريخ کان اڳ ۾ هليا وڃن.

چا آمريڪا ٽئين مهاڀاري جنگ جي تياري ڪري رهيو آهي؟

منان شيخ

پهرين عالمي جنگ به هڪ شهزادي جي قتل جي آڙ ۾ لڳائي وئي هئي جنهن جي نتيجي ۾ پوڻا ٻه ڪروڙ ماڻهو مارجي ويا ۽ ٻه ڪروڙ ڏهه لک زخمي ٿي پيا هئا 28 جون 1914ع تي آسٽريا ۽ هنگري سلطنت جي بادشاهه فراز جوزف جي ڀائٽي فرڊيننڊ فراز ۽ ان جي گهرواري صوفي کي بوسنيا جي 19 سالن جي باغي نوجوان گوليون هڻي قتل ڪيو هو بادشاهه ڀائٽي جي قتل تي خاموش رهيو ڇو ته انهن جي وچ ۾ سخت اختلاف ٿي چڪا هئا پر آسٽريا ۽ هنگري جا فوجي ڪمانڊر بادشاهه کي قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ته شهزادي جي قتل جي آڙ ۾ سربيا تي حملو ڪجي. ان تي قبضو ڪرڻ کانپوءِ سڄي يورپ تي قبضو ٿي ويندو سربيا تي اهو جواز ڄاڻائي حملو ڪيو ويو ته بوسنيا جي باغي گوريلن کي شهزادي جي دوري جي توهانجي حڪومت ڄاڻ ڏني هئي، جنهن جي ڪري شهزادو ۽ ان جي گهرواري مارجي ويا هڪ مهيني اندر 28 جولاءِ 1914ع تي آسٽريا ۽ هنگري سلطنت سربيا تي حملو ڪري ڏنو سربيا روس کان مدد گهري پر روس پهريان انڪار ڪيو ۽ پوءِ روس ان بنياد تي مدد ڪئي ته انهيءَ ساموندي رستي سان روس يورپ ۾ واپار ڪندو. اٿين روس جنگ ۾ ڪاهي پيو آسٽريا ۽ هنگري جا اتحادي ملڪ جرمن ۽ اٽلي به آسٽريا ۽ هنگري سان معاهدي تحت جنگ ۾ ڪاهي پيا ۽ ٻئي طرف روس جا اتحادي برطانيا ۽ فرانس به روس پاران جنگ ۾ ڪاهي پيا پهرين عالمي جنگ جو وڏو سبب هي به هو ته ان وقت ٻه وڏا اتحاد هئا. هڪ ٽرپل الائينس جنهن ۾ آسٽريا ۽ هنگري سلطنت، جرمن ۽ اٽلي هئا ۽ ٻيو ٽرپل انٽينٽ، جنهن ۾ روس، برطانيا سلطنت ۽ فرانس شامل هئا اهي پنهنجن اتحادين جي جنگ ۾ مدد ڪرڻ جا پابند هئا ان کانپوءِ عثمانيه سلطنت، جاپان سلطنت ۽ سمورين سلطنتن جي ماتحت سمورا ملڪ مجبورن پهرين عالمي جنگ جو حصو بڻجي ويا اٿين تقريبن سڄي دنيا پهرين عالمي جنگ ۾ شامل ٿي وئي

آمريڪا پهريان جنگ کان ٻاهر هو اهو تماشو ڏسي رهيو هو ۽ جنگين ۾ شامل ملڪن کي مهانگا هٿيار، جنگي سمورو سامان، کاڌ خوراڪ ۽ ڳرن شرطن تي قرض ڏئي رهيو هو جڏهن سڀ ملڪ وڙهي ساڻا ۽ ڪمزور ٿيا. ان وقت آمريڪا مسلسل جنگ ۾ گهڙڻ جو بهانو ڳولهي رهيو هو آمريڪا کي بهانو تڏهن مليو، جڏهن جرمني فوج مسافر جهازن تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا برطانيه کان آمريڪا ويندڙ هڪ مسافر جهاز تي جرمن فوج حملو ڪيو جنهن ۾ آمريڪا جا 128 شهري مارجي ويا ۽ ان سبب جي ڪري آمريڪا وڏي تيزي سان پهرين عالمي جنگ ۾ ڪاهي پيو ۽ سڀ کان وڌيڪ فوجي طاقت رکندڙ ملڪ کي دسي وڌو دنيا ۾ تمام وڏين طاقتور بادشاهتن جي ڪمزور ٿيڻ جي ڪري آمريڪا هڪ وڏي طاقت ٿي اڀريو آمريڪا چاهي به اٿين پيو پهريان جنگ مان معاشي طرح طاقتور ٿيو پوءِ جنگ ۾ ڪمزور ٿيل مخالف ملڪن جي فوجن جي مٿان پنهنجي فوج جي ذريعي حملا آور ٿي دنيا جو طاقتور ملڪ بڻجي ويو ۽ پهرين عالمي جنگ کٽي ورتي ٻئين عالمي جنگ ۾ به آمريڪا اٿين ڪيو جڏهن ته روس، برطانيا ۽ فرانس جو آمريڪا اتحادي هو. جرمن جو سخت دشمن هو ۽ آمريڪا جي جاپان سان سرد جنگ به جاري هئڻ باوجود ٻاهر ويهي تماشو ڏسي رهيو هو جرمن جي نازي فوج سڄي يورپ ۾ تباهي مچائي ڇڏي ۽ ٻئي پاسي جاپان جي بادشاهه هيرو اِيٽو ايشيا ۽ آفريڪا ۾ تباهي مچايو ويٺو هو جرمن جي هٽلري نازي فوج آمريڪا جي اتحادين جي تقريبن علائقن کي فتح ڪري چڪي هئي پر آمريڪا جنگ مان ڏوڪڙ ڪمائي رهيو هو جڏهن ڏٺائين ته هاڻي سڀ ڪمزور ٿيا آهن ته بهانا ڳولڻ شروع ڪيائين پر ٻئين عالمي جنگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ بهانو نه پئي مليس پوءِ جاپان سان ڪيل تيل جي معاهدي کي توڙي ان جو تيل بند ڪري ڇڏيائين هاڻي جاپان تيل کان بغير جنگ ڪيئن وڙهي؟ جاپان جنگ کي جاري رکڻ لاءِ تيل سان مالا مال ملڪن انڊونيشيا ۽ ملائيشيا تي قبضو ڪرڻ پئي چاهيو ان ۾ وڏي رڪاوٽ آمريڪا جي ڪالوني فلپائن ملڪ هو فلپائن جي تحفظ لاءِ آمريڪا جو اڏو پرل هاربر ايئربيس هو تنهنڪري تيل حاصل ڪرڻ لاءِ جاپان کي سڀ کان پهرين آمريڪا جي پرل هاربر ايئر بيس تي حملي جي رٿابندي ڪئي دنيا جي مشهور جاپاني جنرل ايڊمرل "ياما موٽو" تي ڪم رکيو ويو ته آمريڪا جي پرل هاربر ايئربيس تي سرپرائز حملو ڪري. جاپان آمريڪا جي ايئربيس تي 360 جنگي جهازن ذريعي حملو ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ آمريڪا جا ٻه هزار فوجي مارجي ويا، 21 جنگي ٻيڙا، 188 جيٽ جهاز تباهه ٿيا ۽ 159 جهازن کي نقصان پهتو جاپان سمجهي رهيو هو ته اهو جنرل ياما موٽو پاران سرپرائز حملو آهي پر آمريڪا کي خبر هئي ته حملو ٿيڻ وارو آهي آمريڪا ڄاڻي واڻي حملي کان بچاءَ جو بندوبست نه ڪيو ڇو ته هن کي ٻئين عالمي جنگ ۾ شامل ٿيڻ جو بهانو گهربو هو اهو بهانو جاپان مهيا ڪري ڏنو ۽ آمريڪا وڏي تيزي سان جنگ ۾ ڪاهي پيو آمريڪا پنهنجي اتحادي سوويت يونين جي مدد سان جرمني سميت سڀني مخالف ملڪن کي چٽي آخر ۾ 6 آگسٽ تي جاپان جي شهر هيروشيما ۽ 9 آگسٽ 1945ع تي ناگاساڪي شهر تي ايٽم بم ڪيرائي هزارين جاپانين کي ماري ٻئين عالمي جنگ کٽي ۽ دنيا جو سپرپاور بڻجي ويو آمريڪا ايٽم بم استعمال ڪري مخالف سميت پنهنجي اتحادين کي به حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو ڇوته برطانيا جي وزيراعظم چرچل کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي به خبر نه هئي ته آمريڪا ايٽم بم ٺاهيو آهي ۽ اهو جاپان جي اهم ترين ڪاروباري شهرن مٿان ڪيرائيندو ۽ هڪ ئي جهٽڪي ۾ هزارين ماڻهو مارجي ويندا. ياد رهي ته ٻي عالمي جنگ کانپوءِ دنيا ۾ ٻه سپرپاور ملڪ ٿيا. هڪ آمريڪا ۽ ٻيو سوويت يونين ۽ ايٽم بم جي استعمال کانپوءِ سوويت يونين ۽ آمريڪا جي وچ ۾ سرد جنگ شروع ٿي وئي ۽ خوف ۾ سوويت يونين جي جوزف اسٽالن جرمن سائنسدانن جي مدد سان ايٽم بم ٺاهيو آمريڪا ٽئين عالمي جنگ لڳائڻ ڇو ٿو چاهي ۽ گهڻي وقت کان اهو بهانو ڇو ڳولهي رهيو آهي؟ منهنجي خيال ۾ ان جا ٽي مکيه ڪارڻ ٿي سگهن ٿا:

(1) آمريڪا جي اڪيلي سپرپاور هجڻ جو راز ان جي جنگي ٽيڪنالاجي ۽ جنگي هٿيارن جي وڪري ۽ مخالف ملڪن مٿان استعمال ڪرڻ ۾ رهيو آهي هاڻي آمريڪا جي جيوپوليٽڪس پاليسي جي بجاءِ چين جي جيو اڪانامي واري پاليسي جي ڪري دنيا مان جنگيون ختم ٿينديون پيون وڃن ۽ مغربي ملڪن جيان ايشيا جا ملڪ چين جي جيو اڪانامي واري پاليسي تي هلندي جنگين واري پاليسي کي ختم ڪري سڀني سان ڪاروباري معاهدا ڪري رهيا آهن ۽ خاص ڪري عرب ملڪ به نئين پاليسي تحت وڏي تيزي سان اڳتي وڌي رهيا آهن آمريڪا لاءِ وڏي پريشاني هي آهي ته ٻئين عالمي جنگ کانپوءِ ان جي ماتحت رهندڙ سمورا ملڪ جنگي جيو پاليٽڪس واري پاليسي کي ترڪ ڪري جيو اڪانامي طرف هليا ويندا ته پوءِ سڄي دنيا ۾ امن امان جي صورتحال بهتر ٿي ويندي ۽ هر ڪو ڪاروبار ڪندو ته پوءِ آمريڪا کان هٿيار ڪير خريد ڪندو جنهن ذريعي آمريڪا پنهنجي سامراجيت قائم ڪريو ويٺو آهي!

(2) ٻيون ڪارڻ آهي آمريڪي ڪرنسي ڊالر ٻئين عالمي جنگ کانپوءِ وڏي تيزي سان ڪجهه سالن ۾ سڄي دنيا ۾ ڊالر جي بادشاهي قائم ٿي وئي ۽ تقريبن سڄي دنيا پنهنجو سمورو ڪاروبار ڊالر ۾ ڪري رهي آهي ۽ آمريڪا جا مخالف طاقتور ملڪ روس ۽ چين به ڊالر ۾ ڪاروبار ڪرڻ تي مجبور آهن آمريڪي ڊالر جي بادشاهي ڪري غريب ۽ ٻٺتي پيل ملڪ آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بينڪ کان ڳرن شرطن تي وياج تي قرض وٺندا رهن ٿا، جيڪو لهي ئي ڪونه ٿو پر هاڻي روس ۽ يوڪرائن جي لڙائي جي نتيجي ۾ روس جا ٻين ملڪن ۾ پيل اربين آمريڪي ڊالر آمريڪا ڏاڍائي ڪري منجمد ڪري ڇڏيا ان کانپوءِ سڄي دنيا سوچڻ تي مجبور ٿي ته ڪنهن به هڪ ڪرنسي جي هڪ هٽي نه هئڻ گهرجي ايشيا جا ملڪ برڪس بينڪ ذريعي لوڪل ڪرنسي کي ملائي الڳ ڪرنسي ٺاهڻ جي پلاننگ ڪري چڪا آهن. روس ۽ چين لوڪل ڪرنسي ۾ ڪاروبار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي ۽ ايشيا جا تقريبن سمورا ملڪ پنهنجي پنهنجي ڪرنسي سان ڪاروبار ڪرڻ تي متفق ٿيا آهن يا نئين ٻئي گڏيل ڪرنسي لاءِ به ڪوششون ڪري رهيا آهن آمريڪا لاءِ سڀ کان وڏي پريشاني اها آهي ته ڊالر جي جاءِ تي ٻئي ڪرنسي اچي ويندي يا آمريڪا جي ماتحت رهندڙ ملڪ پنهنجي لوڪل ڪرنسي ۾ ڪاروبار شروع ڪندا ته آمريڪا معاشي طرح تمام گهڻو ڪمزور ٿي ويندو ۽ آمريڪا جي مٿان جيڪو ٻين ملڪن جو قرض آهي، اهو ڊالر جي ڪمزور ٿيڻ سان ظاهر ٿي پوندو ۽ سڄي دنيا کي قرض ڏيندڙ ملڪ جيڪو ڊالر جي ڪري لڪو ويٺو آهي، اهو قرض جي ڪري دنيا ۾ ظاهر ٿي پوندو ۽ ان ڪارڻ جي ڪري آمريڪا جي لٽ سرداري ختم ٿي ويندي

(3) ٽيون ڪارڻ اهو آهي ته ٻئين عالمي جنگ کانپوءِ روس ۽ آمريڪا جي سرد جنگ جي نتيجي ۾ آمريڪا برطانيا جي سهڪار سان سڄي دنيا جي ساڄي ڌر جي اڳواڻ ملڪن ۾، خاص ڪري مسلمان ملڪن ۾ پنهنجي مرضي جون حڪومتون قائم ڪرڻ لاءِ رٿابندي ڪئي هئي. مطلب ته برطانيا جهڙي سڌي ڪالونيءَ قائم ڪرڻ بجاءِ پنهنجي دلال حڪمرانن ذريعي ملڪ تي قبضو ڪرڻ هو ۽ انهن ملڪن کي پنهنجن فيصلن تحت محڪوم ڪري هلائڻو هو ان ۾ آمريڪا تقريبن ڪامياب ويو ۽ گهڻن ملڪن کي پنهنجي مرضي مطابق هلائيندو رهيو پر موجوده حالتن ۾ چين جي جيو اڪانامي پاليسي جي ڪري ۽ آمريڪا جي مسلسل ساڳي جنگي پاليسي کان بيزاري جي نتيجي ۾ آمريڪا جي ماتحت رهندڙ ملڪن آهستي آهستي پنهنجا فيصلا ڪرڻ شروع ڪيا آهن جيئن سعودي سميت عرب ملڪن ٽيون پاليسيون ٺاهيون آهن ان ۾ سعودي ۽ ايران جو ٺاهه پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو پنهنجي مرضي جو موسٽ سينيئر چيف آف آرمي اسٽاف مقرر ڪرڻ، جڏهن ته آمريڪا جي چوائس جنرل فيض حميد هو ٻيو چين جي سي پيڪ کي ڪنهن به حوالي سان بند نه ڪرڻ جو فيصلو ۽ نون اتحادين سان ڪاروباري معاهدا شامل آهن ۽ سمورا عرب، اسلامي ملڪ پهريون ڀيرو آزاد فيصلا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ ڪجهه ڪوششن ۾ ڪامياب به ٿيا آهن.

تنهنڪري آمريڪا ٽئين عالمي جنگ لڳائي امن امان جي صورتحال خراب ڪري، آمريڪا مخالف سمورن معاهدن کي نقصان ڏئي روڪڻ ٿو چاهي، مخالف ملڪن کي جنگ ۾ گهلي تباهه ڪرڻ ٿو چاهي ۽ پاڪستان جهڙن ڪمزور ملڪن کي وري نئين سر مڪمل پنهنجي ماتحت ڪري، پنهنجي سپرپاوري برقرار رکڻ ٿو چاهي هينئر آمريڪا کي بهانو مليو آهي، اهو پنهنجي اتحادي اسرائيل جي مدد جي آڙ ۾ جنگ ڪرڻ ٿو چاهي اسرائيل جي مدد جي بهاني پنهنجو طاقتور جنگي ٻيڙو ايشيا جي حدن ۾ موڪلي چڪو آهي ۽ اڪ ارب ڊالرن جا جديد هٿيار ۽ پنهنجي تيز ترين فوج ۽ انٽيليجنس ادارن کي موڪلڻ جو اعلان ڪري چڪو آهي ان مان ئي اندازو لڳائڻ گهرجي ته حماس جي ننڍڙي گروهي طاقت کي چٿڻ لاءِ آمريڪا ايڏو وڏو بندوبست نٿو ڪري سگهي، بلڪ طاقتور مخالف ملڪن خلاف جنگ لاءِ ايڏي وڏي تياري ڪري سگهي ٿو مغربي ميڊيا ۽ هندستان جي ميڊيا تي صبح شام اها پروپيگنڊه هلي رهي آهي ته حماس جي حملن پويان ايران آهي. آمريڪا ايران خلاف ماحول ٺاهي ۽ جواز پيدا ڪري ته جيئن هو بغير رڪاوٽ جي ايران تي حملو ڪري سگهي ۽ سڄي ايشيا کي جنگ ۾ ڌڪي سگهي آمريڪا جي جنگي ٻيڙي جي ترڪي ۽ روس سخت مخالفت ڪئي آهي هندستان جي بيان ۽ ان جي ايران خلاف پروپيگنڊه کانپوءِ چين سميت ايشيا جا اسلامي ملڪ چڱي طرح سمجهي چڪا آهن ته آمريڪا ڇا ٿو ڪرڻ چاهي؟! تنهنڪري عرب، اسلامي ملڪن سميت چين ۽ روس ٽڪراءُ وارن بيانن کان پاسو ڪيو آهي اڳتي ڏسون ته آمريڪا پنهنجي انهن حرڪتن ۾ ڪيترو ڪامياب ٿو ٿئي پر آمريڪا کي سوچڻ گهرجي ته هينئر پهرين عالمي جنگ ۽ ٻئين عالمي جنگ واري صورتحال ناهي، جنهن ۾ سڀني کي دسي وري دنيا جو لٽ سردار بڻجي ويندو اهو ناممڪن ٿو لڳي ۽ آمريڪا جي جنگي اڳرائي جي ڪري آمريڪا جو زوال ممڪن ٿي پوندو

ڪُهي سو ڪَرَ لَهَي، ڪوٺي سو قَريبُ؛
اِها عادتَ سِکيو، هَر زَمان حبيبُ؛
تِهِجي سو طبيبُ، سو ئي راحتَ رُوحَ جِي.

چا نوازشريف جي واپسيءَ هڪ ڊيل آهي ؟

حافظ محمد علي ورڙ

پاڪستان جي سياست ۾ هميشه ڪجهه نه ڪجهه ٿيندو رهندو آهي. ملڪ ۾ سياسي اٿل پٿل نه ٿئي اهو ممڪن نه آهي. ڪا حڪومت اچي رهي هوندي آهي ته وري ڪا وڃي رهي هوندي آهي. هڪ لمحو ڪنهن پارٽي جو ليڊر اقتدار ۾ هوندو آهي ته ٻئي لمحي هو جيل جي ڀتين اندر سياسي حڪمت عملي جوڙيندو رهندو آهي. ان ڪري سياسي صورتحال هر لمحي تبديليءَ جي عمل مان گذري رهي آهي. ان سياسي صورتحال سبب ملڪ ۾ ڪا به پاليسي يا منصوبا ڪڏهن به ڊگهي عرصي تائين هلي نه سگهيا آهن. ڪنهن به ليڊر ۽ سياسي پارٽي عوام جي ڀلائي کي اوليت نه ڏني آهي. ڇاڪاڻ انهن جو اهو منشور رهيو آهي هر ڪنهن کي صرف پنهنجي سياسي ۽ ذاتي مفادن ۾ دلچسپي آهي. اڄ به ملڪ جو سياسي منظرنامو ان ئي تڪرار جو شڪار آهي. جيڪي اڳ جيل ۾ هئا اهي هاڻي اقتدار ۾ اچي ويا آهن ۽ جيڪي اقتدار ۾ هئا اهي هاڻي اڳين جي بدران جيل ۾ اچي ويٺا آهن. بهرحال حالتون ۽ شخصيتون ساڳيون آهن. رڳو ڪردار بدلجي ويا آهن. هاڻي اها صورتحال ڪڏهن تبديل ٿيندي؟ ان تي ڳالهائڻ تمام مشڪل آهي ڇو ته پاڪستاني سياست اهڙي غير يقيني واري صورتحال ۾ آهي جو ڪير به نٿو چئي سگهي ته ملڪ ۾ ڇا ٿيندو. ڪلهه جا اتحادي اڄ جا سياسي حريف آهن ۽ اڳوڻا سياسي دشمن اڄ هڪ ٻئي تي گل نڇاور ڪري رهيا آهن. هاڻي هتان کان سياسي حالتون ڪهڙي طرف وڃن ٿيون؟ اڳڪٿي ڪرڻ انتهائي مشڪل آهي. ملڪ ۾ چونڊن جو طبل وڄي ويو آهي ۽ سمورين پارٽين پنهنجو موقف واضح ڪري ڇڪيون آهن. ان حوالي سان مسلم ليگ (ن) جون سياسي سرگرميون تمام گهٽيون آهن ۽ ان جو سبب هر هڪ سياسي ورڪر ڄاڻي ٿو. 4 سالن جي خود ساخته جلاوطني ختم ڪرڻ کانپوءِ 3 ڀيرا وزيراعظم رهندڙ حاليه اشتهاري پاڪستاني عدالتن کي مطلوب نواز شريف هن وقت ملڪي سياست ۾ سڀ کان وڌيڪ بحث جو موضوع بڻيل آهي. نواز شريف هن وقت سعودي عرب جي شهر جده ۾ آهي. هن جي جده ۾ شاهي خاندان جي اهم ميمبرن سان ملاقات جو پڻ امڪان آهي. نواز شريف جا سعودي عرب سان پراڻا لاڳاپا آهن. سعودي عرب جي شاهي خاندان سان نه رڳو سندس ڪاروباري لاڳاپا آهن پر سندس خانداني لاڳاپا به دنيا کان ڳجها ناهن. جڏهن به نواز شريف کي ڪنهن به مدد جي ضرورت پئي ته کيس هميشه سعودي عرب طرفان هاڪاري جواب مليو. هن وقت به سندس وطن واپسي کان اڳ سعودي عرب ۾ سندس موجودگي ڪو اتفاق نه آهي. ذريعن مطابق ته پاڪستان اچڻ کان اڳ ميان صاحب ڪجهه ڳالهين تي سعودي حڪام جي گارنٽي چاهي ٿو ۽ ممڪن آهي ته هو جده ۾ سعودي اعلي حڪام سان انهيءَ سلسلي ۾ اهم ملاقاتون پڻ ڪري. هاڻي انهن جي ملاقاتن جو نتيجو ڇا نڪرندو؟ وقت ٻڌائيندو پر هاڻوڪي پيش رفت اها آهي ته نواز شريف جي واپسي في الحال طئي ٿيل آهي ۽ مسلم ليگ ن جون تياريون به زور شور سان جاري آهن. سندس وطن واپسي نه رڳو مسلم ليگ ن پر سڄي پاڪستان جي سياست لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي. سندن واپسي ڪو اتفاق نه آهي. خود ساخته جلاوطنيءَ کان پوءِ هن جي اوچتو واپسي واري منصوبي تي ڪيترائي سوال پيدا ٿين ٿا. پهرين ڳالهه اها آهي ته ڇا نواز شريف کي چوٿون ڀيرو وزارت عظميٰ حاصل ڪرڻ لاءِ گرين سگنل ملي ويو آهي. ان ڪري هن هاڻي واپسيءَ جو ڊگهو سفر طئي ڪيو آهي. ذريعن موجب سندس واپسي لاءِ خاص جهاز جي بڪنگ ڪئي وئي آهي. خاص جهاز 21 آڪٽوبر تي 12 وڳي لاهور ايئرپورٽ تي لينڊ ڪندو. پر ان پيش رفت جي باوجود به اهو خدشو يا تاثر موجود آهي ته ميان صاحب مناسب وقت تي ڦري وڃي ۽ واپسيءَ جو ارادو رد ڪري ڇڏي.

بقايا *** 01

پاڪستان ۽ چين ويجها دوست، حصيدار ۽ مضبوط ڀائرن جي حيثيت سان گڏيل مستقبل جي منزل طرف وڌي رهيا آهن. چين جي دوري جي موقعي تي ناليواري چيني اخبار گلوبل ٽائيمز ۾ پنهنجي خصوصي مضمون ۾ نگران وزيراعظم چيو ته بيلٽ اينڊ روڊ انيشي ايٽو (بي آر آءِ) صدر شي جن پنگ جي بصيرت ۽ دورانديشي جو هڪ اهم منصوبو آهي. اسان صدر شي جن پنگ جي ويزن ۽ مدبراڻي صلاحيتن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا جنهن 10 سال اڳ ٻني نوع انسان جي لاءِ گڏيل مستقبل جي لاءِ هڪ ڪميونٽي جو ويزن پيش ڪيو. هن چيو ته هم آهنگي ۽ گڏيل دارومدار تي چين جي بيلٽ اينڊ روڊ انيشي ايٽو جي فليگ شپ منصوبي طور تي پاڪستان بي آر آءِ ۾ شامل ٿيندڙ ملڪن ۾ پهريون ملڪ هو. سي پيڪ پاڪ چين لاڳاپن ۾ اهم سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو. ان پاڪستان جي سماجي ۽ اقتصادي منظرنامي کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. جديد انفرااسٽرڪچر کي اپ گريڊ ڪيو آهي، علائقائي رابطن کي وڌايو آهي. توانائي جي حفاظت کي يقيني بڻايو آهي ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪيا آهن. نگران وزيراعظم چيو ته پاڪستان سي پيڪ جي ٻئي مرحلي تي عملدرآمد ۽ تڪميل جي لاءِ پرعزم آهي. اسان چين جي سي پيڪ جي بطور ترقي، روزگار جي ذريعي، گرين اڪانومي، هر هڪ جي پهچ ۽ جامع لنگهه جي تجويز جي مڪمل حمايت ڪريون ٿا. هن چيو ته بي آر آءِ گڏيل مستقبل جي عالمي برادري جو هڪ اهم ٿنڀ آهي. گلوبل ڊولپمينٽ انيشي ايٽو (جي ڊي آءِ)، گلوبل سيڪيورٽي انيشي ايٽو (جي ايس آءِ) ۽ گلوبل سولائيزيشن انيشي ايٽو (جي سي آءِ) "گڏيل ڪميونٽي" جي تصور کي وڌيڪ بهتر ڪيو آهي. هن چيو ته پاڪستان جي ڊي آءِ گروپ آف فرينڊز جو پڻ هڪ اهم ميمبر آهي ۽ ان کي وڌيڪ ٺوس شڪل ڏيڻ ۾ فعال ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو ته جي ڊي آءِ تي مفاهمت جي ياداشت (ايم او يو) تي صحيحون ڪندڙ پهرين ملڪ طور پاڪستان تعليم، صحت، موسمياتي تبديلي ۽ غربت ۾ گهٽتائي جي شعبن ۾ ان تعاون مان وقتائتي انداز ۾ فائدو کڻڻ جي لاءِ تيار آهي، اهڙي طرح پائيدار ترقي جي هدفن کي وقت سر پورو ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. نگران وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي ايس آءِ تي گڏيل قومن جي منشور ۾ گهڻ رخن اصولن ۽ اندروني معاملن ۾ عدم مداخلت جي پڻ حمايت ڪئي آهي. اسان حل نه ٿيندڙ تڪرارن ۽ دهشتگردي جي ڪري ڊگهي عرصي تائين نقصان کڻڻ سان متاثر ڏکڻ ايشيا ۾ علائقائي امن کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ گڏيل احترام تي ٻڌل ڳالهه ٻولهه ۽ تعميري ڳالهه ٻولهه جي حمايت ڪريون ٿا. هن چيو ته جي سي آءِ صدر شي جن پنگ جو هڪ ٻيو تاريخي ۽ وقتائتو قدم آهي. جيڪو اختلافن ۾ ورهايل دنيا ۾ تهذيبن جي وچ ۾ مڪالمي، امن ۽ مفاهمت جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو. نگران وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جا مقصد سدائين اندروني ۽ ٻاهرين امن رهيا آهن. تڪرارن، معاشي ٻاڙائي، غذائي عدم تحفظ، سماجي اڻبرابري ۽ موسمياتي تبديلي جهڙن ڪيترن ئي چئلينجن ۾ ورهايل دنيا ۾ پاڪ چين اسٽريٽجڪ پارٽنرشپ جي اهميت تمام وڌيڪ آهي. اهو ٻنهي ملڪن جي عوام جي لاءِ فخر ۽ سڪون جو سبب آهي جيڪو خطي جي اندر ۽ ٻاهر امن ۽ استحڪام جا اهم عمل آهن. نگران وزيراعظم چيو ته پاڪ چين لاڳاپا پائيجاري، دوستي ۽ اعتماد جو اهو باب آهي جنهن جا بنياد 70 سالن کان وڌيڪ عرصو اڳ رکيا ويا هئا. ان وقت ٻنهي ملڪن جي قيادت جي ويزن سان لاڳاپن جي لاءِ ٺوس بنياد رکيو ويو جنهن کي بعد ۾ هڪ مضبوط، متحرڪ، هر آزمائش تي پورو لهندڙ، هر قسم جي حالتن ۾ اسٽريٽجڪ تعاون تي ٻڌل حصيداري ۾ پروان چاڙهيو ويو. هن چيو ته آئون انهن لاڳاپن کي تمام گهڻي اهميت ڏيان ٿو ۽ فخريه طور تي چين کي پنهنجو بهترين دوست چوان ٿو. هن چيو ته اها ڳالهه وڏي دل نشين آهي ته چين ۽ آئرن برادر جي اصطلاح رڳو پاڪستان جي لاءِ مخصوص آهي. پاڪستان ۽ چين جي لازوال حصيداري ۽ گهري دوستي ٻنهي ملڪن جي مفاد ۾ آهي. جيڪا اسان جي عوام جي تاريخي چونڊ آهي. هن چيو ته چين جي پنهنجي پهرين دوري ۾ عالمي تعاون جي لاءِ ٽئين بيلٽ اينڊ روڊ فورم ۾ شرڪت ڪندس. چين سان پاڪستان جا لاڳاپا اسان جي پرڏيهي پاليسي جو بنيادي ٿنڀ آهن. پائيجاري جي تاريخي يڪجهتي سان گڏ، اسان جا ٻئي ملڪ هر قسم جي حالتن ۾ هڪ ٻئي سان گڏ بيٺل آهن. ٻنهي ملڪن جي عوام جو هڪ ٻئي جي لاءِ پيار ۽ محبت جو رشتو حقيقت ۾ جبل کان اوچو، سمنڊ کان گهرو ۽ ماکيءَ کان مٺو آهي. هن چيو ته قديم شاهراهه ريشم جي ذريعي هلندڙ واپار ۽ جاگرافيائي ويجهڙائپ ٻنهي عظيم ايشيائي تهذيبن کي هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو ڪٿي آئي. انوارالحق ڪاڪڙ چيو ته پاڪ چين لاڳاپن جو هڪ تاريخي ارتقا، علائقائي ۽ عالمي ترقي جي ڏس ۾ ان جي وڌندڙ اهميت بين الرياستي لاڳاپن جو عظيم مثال آهي. مضبوط سياسي حمايت گڏيل اعتماد ۽ عملي تعاون جي بنياد تي 7 ڏهاڪن تي ٻڌل منفرد رشتو مضبوط اسٽريٽجڪ حصيداري ۾ پروان چڙهيو آهي. هن چيو ته اسان جو ماضي، حال ۽ مستقبل هڪ ٻئي جو رشتو آهي ۽ ڪا به شيءِ ان حقيقت کي بدلائي نه ٿي سگهي. هن چيو ته اسان پاڪستان جي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ اقتصادي سلامتي جي حمايت ۽ جمون ۽ ڪشمير جي معاملي تي اصولي حمايت تي چين جا ٿورائتا آهيون. اسان ون چائنا پاليسي ۽ تائيوان، هانگ ڪانگ، تبت، سنڪيانگ ۽ ڏکڻ چين سميت بنيادي مسئلن تي چين جي حمايت جي پنهنجي عزم جو ورجاءُ ڪريون ٿا. هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته پاڪستان ۽ چين ويجها دوست، اسٽريٽجڪ حصيدار ۽ مضبوط ڀائرن جي حيثيت سان گڏيل مستقبل جي منزل طرف وڌي رهيا آهن هن چيو ته مون کي يقين آهي ته پاڪ چين دوستي ايندڙ ڏينهن ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندي ۽ ايندڙ سالن ۾ اهو پائيجارو، حصيداري ۽ دوستي وڌيڪ بلندين تي ويندي.

بقايا *** 02

جنهن ۾ ڪيئي ڊاڪٽر شهيد ٿي ويا جڏهن ته رفح ڪراسنگ ۾ موجود اسپتال کي به خالي ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني وئي آهي. اسرائيل طرفان آچر واري ڏينهن حملن ۾ حماس ڪمانڊر معيتاز عيد کي شهيد ڪرڻ جي به دعويٰ ڪئي وئي آهي ٻئي پاسي اسرائيلي حملن ۾ شهيد فلسطينين جا مڙهه رکڻ لاءِ اسپتالن جي مرده خانن ۾ وڌيڪ گنجائش ناهي رهي ۽ شهيدن جا مڙهه آئس ڪريم ٽرڪن ۽ ريفريجريٽر گاڏين ۾ رکيا پيا وڃن. هوڏانهن آمريڪي پرڏيهي کاتي دعويٰ ڪئي آهي ته حماس جي حملن ۾ مارجي ويل آمريڪين جو انگ تيهه تي وڃي پهتو آهي ۽ تيرنهن آمريڪي اڃا تائين گم آهن. اسرائيلي فوج موجب، حماس 155 اسرائيلين کي يرغمال بڻايو آهي. ان کان اڳ يرغمالي اسرائيلين جو انگ 126 ٻڌايو ويو هو.

بقايا *** 03

ڊالر تقريبن 11 رپيا ڪري آهي ۽ 28 ڏينهن ۾ سوا 30 رپين کان وڌيڪ سستو ٿي چڪو آهي. ان کانسواءِ اوپن مارڪيٽ ۾ اڄ ڊالر جو اگهه 277 رپين تي برقرار آهي.

بقايا *** 04

جي زبان تي سخت خدشا آهن. اسان مظلوم فلسطيني عوام سان ايڪي جو اظهار ڪيون ٿا ۽ ترت جنگبندي سميت غزا جي ناڪبندي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيون ٿا. انوارالحق ڪاڪڙ چيو ته اسرائيل پاران غزا ۾ شهرين کي جاني واڻي نشانو بڻائڻ مذمت جوڳو عمل آهي. معصوم شهرين کي نشانو بڻائڻ تهذيبي اصولن ۽ عالمي قانون جي ڀڃڪڙي آهي. سندس چوڻ هو ته گڏيل قومن ۽ عالمي برادري کي غزا تائين امدادي سامان جي پهچ لاءِ راهداري کولڻ گهرجي. هو غزا جي بگڙجندڙ صورتحال تي او آءِ سي ۽ ميمبر ملڪن سان رابطي ۾ آهن نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو ته نگران پرڏيهي وزير 18 آڪٽوبر تي او آءِ سي جي ايگزيڪٽو ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو ۽ غزا جي عوام جي تڪليفن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ تي زور ڀريندو.

بقايا *** 05

ڇڏيو هو. جنهن جا ڪجهه ڪارڻ آهن. هن چيو 5 مهينن کان مسلسل سوچي رهيو هيس ته مان ان سياست لاءِ پنهنجي سياسي جدوجهد شروع ڪئي هئي؟ اسان ته حقيقي معنيٰ ۾ قائداعظم جو پاڪستان ٺاهڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي. هيءَ ڪا ڪفر ۽ اسلام جي جنگ ناهي. اسان ملڪ کي تشدد جي سطح تي وٺي وياسين. آئيني طريقي سان بي اعتمادي ٿي. مان پاڻ کان مسلسل انهن سوالن جا جواب پڇي رهيو هيس. خود احتسابي جو عمل تمام ضروري هوندو آهي. سندس چوڻ هو ته بي اعتمادي کانپوءِ نه اسان کي سکون سان ويهڻ ڏنو ويو ۽ نه عوام کي، معصوم ماڻهن جا جذبا ڀڙڪايا ويا، نفرت جي پيغامن کي هٿي ڏني وئي. عمران خان ذميواري جو مظاهرو نه ڪيو. هن مسلسل ماڻهن جي ذهن سازي ڪئي ۽ تيار ڪيس فرخ حبيب چيو ته 9 مئي واقعا افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳا آهن. جنهن ڏينهن حالتون خراب ٿيون، ان ڏينهن مان ڪنهن احتجاج ۾ نه ويو هيس. ان ڏينهن جيڪو ٿيو، اهو ڪاري ڏينهن طور ياد رکيو ويندو. عمران خان چاهيو ته ماڻهو ان لاءِ وڙهن. هو گرفتاري ڏيڻ نه پئي چاهي. هن چيو ته عمران خان ماڻهن جو اهڙو ذهن ناهيو هو ته پنهنجي فوج خلاف نڪري پون. بدقسمتي سان پي ٽي آءِ چيئرمين تشدد کي هٿي ڏيندو رهيو.

بقايا *** 06

جي سنگل بئنچ فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ کي غيرقانوني قرار ڏنو هو سپريم ڪورٽ فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ خلاف ڪمپنين جو معاملو نيپرا اپيليٽ ٽربيونل کي موڪلي ڇڏيو. سپريم ڪورٽ جي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته نيپرا اپيليٽ ٽربيونل ۾ صارف ڪمپنيون 15 ڏينهن ۾ فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ خلاف اپيلون داخل ڪنديون. نيپرا اپيليٽ ٽربيونل 10 ڏينهن ۾ اپيلون مقرر ڪري. سپريم ڪورٽ فيصلي ۾ اهو به چيو ته نيپرا اپيليٽ ٽربيونل جلد کان جلد قانوني مدي اندر اپيلن تي فيصلو ڪري. ڪمپنين جي وڪيل سلمان اڪرم راجا چيو ته مئي 2022ع ۾ جڏهن ايف پي اي لڳايو ويو ته نيپرا جي جوڙجڪ غير آئيني هئي. جنهن تي چيف جسٽس چيو جيڪڏهن نيپرا جي جوڙجڪ غيرآئيني آهي ته جج کي ان تي فيصلو ڏيڻ گهربو هو. لاهور هاءِ ڪورٽ سنگل بئنچ پنهنجي اختيار کان ٻاهر فيصلو ڏنو. جنهن کي برقرار رکڻ ممڪن ناهي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته هاءِ ڪورٽ جا جج آرٽيڪل 199 پڙهڻ وساري ڇڏيندا آهن. ڇا هاءِ ڪورٽ جو جج اهو چئي سگهي ٿو ته 500 يونٽ بجلي استعمال تي بل اهو هوندو؟ جسٽس اطهر من الله چيو ته سپريم ڪورٽ سميت ڪا به عدالت نيپرا جا ٽيڪنيڪي معاملا نٿي ڏسي سگهي. قاضي فائز عيسيٰ چيو لاهور هاءِ ڪورٽ اهو فيصلو ڏنو. جنهن جي درخواستن ۾ اپيل ئي نه ڪئي وئي هئي. بهتر هوندو ته ٽيڪنيڪي معاملا نيپرا سامهون ئي اٿاريا وڃن سپريم ڪورٽ اڄ کان بجلي پهچائيندڙ ڪمپنين کي فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ وصول ڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته ڪمپنين ۽ صنعتن کان ادا ڪرڻ جوڳي رقم نيپرا اپيليٽ ٽربيونل جي فيصلي سان مشروط هوندي.

بقايا *** 07

۾ فارما سيڪٽر جي لسٽڊ ڪمپني هيليون پاڪستان لميٽيڊ جي نئين سرمائيڪاري منصوبي تي گهڻي وڃائي ڪاروبار جي شروعات جي تقريب کي خطاب ۽ ميڊيا سان ڳالهيون ڪندي چيو ته پاڪستان جي ٽيڪنالوجي جي شعبي ۾ پوٽينشل آهي جنهن ۾ برطانوي سرمائيڪاري اچي سگهي ٿي جڏهن ته سياحتي شعبي ۾ ترقي نظر اچي رهي آهي هن چيو ته ڪراچي اهو شهر آهي جتي برطانيه ۽ پاڪستان جا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا آهن اميد آهي ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپار ۽ سرمائيڪاري ۾ اضافي جو تسلسل جاري رهندو برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ وڌيڪ چيو ته پاڪستان معيشت ۾ بهتري آڻڻ جي لاءِ قدم کڻي رهيو آهي. ايندڙ مهينن ۾ پاڪستان جي معيشت کي بهتري طرف ڏسي رهيا آهيون پاڪستان ۾ 200 برطانوي ڪمپنين جي سرمائيڪاري ڪيل آهي. اهڙين ڪمپنين جي خدمتن جي نتيجي ۾ ماڻهن کي روزگار جا موقعا ملي رهيا آهن. هيليون نه صرف پاڪستان جي خدمت ڪري رهيو آهي پر پاڪستان جي معيشت ۾ هيليون جهڙي برطانوي ڪمپنيون بهترين ڪردار ادا ڪري رهيون آهن برطانيه ۾ 1.6 ملين پاڪستاني رهندا آهن جڏهن ته پاڪستان ۾ هڪ لک برطانوي رهائش پذير آهن. تقريب کي خطاب ڪندي هيليون پاڪستان لميٽيڊ جي سي اي او فرحان هارون چيو ته هيليون پاڪستان ۾ 12 ملين ڊالر جي سرمائيڪاري ڪري رهيو آهي جن ۾ پيناڊول جي ان هائوس پروڊڪشن تي 10 ملين ڊالر ۽ سي اي سي تي 2 ملين ڊالر جي سرمائيڪاري شامل آهي. نئين سرمائيڪاري سان پاڪستان ۾ پيناڊول ٽيبليٽس جي سالياني پيداوار 6 ارب ٽيبليٽس مان وڌي 8 ارب ٽيبليٽس ٿي ويندي. هيليون پاڪستان ۾ تيار ٿيندڙ پيناڊول ٽيبليٽ وچ اوڀر ۽ آفريڪا کي به برآمد ڪندو.

بقايا *** 08

پاران سياري کان اڳ گئس جي اگهن ۾ هڪ سئو سيڪڙو کان وڌيڪ اضافي جو فيصلو ڪيو ويو. ناڻي واري وزارت جي ذريعن موجب هلندڙ مالي سال دوران گئس سيڪٽر جي گردشي قرضن ۾ 46 ارب روپين جي اضافي جو خدشو آهي. ناڻي واري وزارت جي ذريعن موجب گردشي قرضن ۾ اضافي تي آءِ ايم ايف پاران ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب اقتصادي جائزي کان اڳ گئس جي قيمت ۾ سئو سيڪڙو کان وڌيڪ اضافي جو فيصلو ڪيو ويو آهي. گئس جي اگهن ۾ اضافي کي نظر ۾ رکندي سمري تيار ڪئي وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته گئس مهانگي ڪرڻ بابت تيار ڪيل سمري اي سي سي جي ايندڙ اجلاس ۾ پيش ڪئي ويندي.

بقايا *** 09

تي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي جڏهن ته بشريٰ بي بي جي ضمانت ۾ واڌ ڪئي وئي آهي. ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين جي 6 ڪيسن ۾ ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي ملتوي ڪندي اڳوڻي خاتون اول بشريٰ بي بي جي توشه خانه جعلي رسيدن جي ڪيس ۾ عبوري ضمانت ۾ 31 آڪٽوبر تائين واڌ ڪري ڇڏي پي ٽي آءِ چيئرمين کي پيچ ڏاهه. احتجاج ۽ قلم 144 جي ڀڃڪڙي تي داخل 6 ڪيسن ۾ ضمانت جي 6 درخواستن تي ٻڌڻي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج طاهر عباس سپرا ڪئي. ان موقعي تي بشريٰ بي بي توشه خانه جعلي رسيدن جي ڪيس ۾ عدالت جي آڏو پيش ٿي. عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف 6 ڪيسز جي ٻڌڻي 24 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪندي بشريٰ بي بي جي عبوري ضمانت منظور ڪندي 31 آڪٽوبر تائين واڌ ڪري ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي. واضح رهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين جون ضمانت جون 6 درخواستون اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بحال ڪيون هيون.

بقايا *** 10

ٽوئيٽس ڪيس ۾ لاڳيتو غير حاضر رهڻ تي ڪيس اشتهاري جوابدار قرار ڏئي ڇڏيو عدالت حڪم ڏنو ته اعظم سواتي جتي نظر اچي کيس گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي. عدالت اعظم سواتي کي ايف آءِ اي جي ٻنهي ڪيسن ۾ اشتهاري قرار ڏنو ياد رهي ته اعظم سواتي جي لاڳيتو غير حاضري سبب عدالت سندس ضمانت پڻ رد ڪري ڇڏي هئي.

بقايا *** 11

آءِ چيئرمين جي جيل ٽرائل خلاف داخل درخواست تي ڪيو ويو عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين جي درخواست هدايتن سان اڪلائي ڇڏي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ فيصلي ۾ چيو آهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين کي جيل ٽرائل تي تحفظات آهن ته هو ٽرائل ڪورٽ سان رجوع ڪري سگهي ٿو. عدالت چيو ته جيل ٽرائل واري معاملي ۾ بظاهر ڪا به بدنيتي ناهي. پي ٽي آءِ چيئرمين پاڻ ڪيترائي ڀيرا پنهنجي سيڪيورٽي بابت خدشن جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا *** 12

. شاهه محمود قريشي عدالت کان 9 آڪٽوبر جي ٽرائل ڪورٽ جي حڪم کي ڪالعدم قرار ڏيڻ ۽ اڄ ئي درخواست تي ٻڌڻي جي استدعا ڪئي آهي. درخواست ۾ موقف اپنايو ويو آهي ته عدالت ٽرائل ڪورٽ کي فرد جرم لاڳو ڪرڻ کان روڪي. ٻنا ڪنهن نوٽيفڪيشن جي منهنجو جيل ٽرائل جاري آهي ان ڪري عدالت جيل ٽرائل کان روڪي اوپن ٽرائل جي هدايت ڪري. شاهه محمود قريشي بيرسٽر تيمور ملڪ ۽ فائزه اسد ذريعي درخواست داخل ڪئي.

بقايا *** 13

۾ 5 روپيه في ليٽر اضافو ڪري ليوي جي شرح 50 روپين مان وڌائي 55 روپيه في ليٽر مقرر ڪري ڇڏي آهي پيٽرول تي ليوي جي شرح 60 روپيه في ليٽر تي برقرار آهي. پيٽرول تي او ايم سي مارجن ۾ 47 پئسن جو اضافو ڪيو ويو جنهن کان پوءِ پيٽرول تي في ليٽر مارجن 7.41 روپيه مقرر ڪيو ويو دستاويز موجب پيٽرول تي ڊيلر مارجن به 41 پئسا وڌايو ويو. اهڙي اضافي کان پوءِ ڊيلر مارجن 8 روپيه 23 پئسا في ليٽر ٿي ويو آهي. ياد رهي ته او ايم سي ۽ ڊيلرز مارجن 16 سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر تي به وڌايو ويو آهي. ٻئي طرف نگران حڪومت ڊيزل تي لڳايل ليوي ۾ پنج روپيه في ليٽر اضافو ڪري ڇڏيو ان حوالي سان اوگرا نوٽيفڪيشن به جاري ڪري ڇڏيو آهي. ڊيزل تي ليوي جي شرح 55 روپيه في ليٽر ۽ پيٽرول تي ليوي جي شرح 60 روپيه في ليٽر مقرر ڪئي وئي آهي. پيٽرول ۽ ڊيزل تي ليوي جي شرح آءِ ايم ايف سان طئي ڪيل شرطن تي وڌائي پئي وڃي.

بقايا *** 14

ڇڏي آهي اسلام آباد، پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جي مختلف هنڌن تي تيز هوائن ۽ ڪنوڻ سان برسات پئي جنهن سبب موسم ٿڌو ٿي ويو آهي. موسميات کاتي 24 ڪلاڪن دوران اسلام آباد، خيبرپختونخواهه، پنجاب، ميدانين سنڌ، آزاد ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ بلوچستان ۾ وڌيڪ برسات جڏهن ته اسلام آباد ۽ خيبرپختونخواهه جي جابلو علائقن ۾ برفباري جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. موسميات کاتي موجب سنڌ جا مختلف علائقا به مغربي هوائن جي سلسلي جي اثر هيٺ آهن. جنهن جي ڪري سنڌ جي مختلف شهرن ۾ به برسات پئجي سگهي ٿي.

بقايا *** 15

جسٽس ڏانهن موڪليو وڃي. ملازمن جي پرتين بابت هلندڙ حڪم ۾ واڌ ڪندي ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي. سنڌ جي مختلف کاتن ۾ پرتين خلاف ايم ڪيو ايم اڳواڻ بئريسٽر فروغ نسيم درخواست داخل ڪرائي آهي. جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته گڏيل ڏينهن مقرري جا ليٽر ڏنا ويا ۽ اهو عمل ڏهن ڏينهن تائين قانون جو مذاق بڻيل رهيو.

بقايا *** 16

ترڪي جي تعاون سان آپريشن ٿيٽر جو افتتاح ڪيو اينڊ ڪوآرڊينيشن ايجنسي (TIKA) پاران قائم ڪيل جديد طبي سامان سان ليس جو افتتاح ڪيو ويو ان موقعي تي ٽيڪا ڪراچي پروگرام جو ڪوآرڊينيٽر خليل ابراهيم بشاران، ڊائريڪٽر اينڊ چيف ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر ناصر سليم سدل، نعمت ايبي، ڊاڪٽر مشتاق چاپرا ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي نگران صحت واري صوبائي وزير سنڌ ڊاڪٽر سعد خالد نياز چيو ته مان ٽيڪا جو شڪر گذار آهيان جو اها سنڌ ۾ صحت جي شعبي تي ڪم ڪري رهي آهي. ٽيڪا ڪيترن ئي اسپتالن کي جديد سهولتن سان آراسته ڪيو آهي. هن چيو ته آپريشن ٿيٽر جي افتتاح تي نيشنل انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ جي ٽيم به مبارڪباد جي مستحق آهي. اسان کي خبر آهي ته اسپتالن ۾ مريضن جو تمام گهڻو دٻاءُ آهي پر سنڌ حڪومت پڻ اسپتالن جي بهتري لاءِ مسلسل ڪوششون ڪري رهي آهي. هن چيو ته ترڪي هميشه هر سٺي ۽ خراب وقت ۾ پاڪستان جو ساٿ ڏنو آهي. اسان جي خواهش آهي ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ دوستي جو اهو سلسلو سدائين قائم رهندو ترڪي جي سفير ڊاڪٽر مهمت پاچاجي چيو ته پاڪستان ۽ ترڪي جي وچ ۾ پراڻي دوستي ۽ پائيجارو آهي. اسان ڏکئي وقت ۾ هميشه هڪ ٻئي سان گڏ بيٺا آهيون ۽ هڪ ٻئي سان گڏ بيهندا رهنداسين. هن چيو ته ٽيڪا 150 کان وڌيڪ ملڪن ۾ فلاحي ڪم ڪري رهي آهي. جڏهن ته پاڪستان ۾ به پاڪ ترڪ اسڪولن ۽ ڪاليجن سميت ڪيترائي منصوبا هلي رهيا آهن. هن آپريشن ٿيٽر جي مڪمل ٿيڻ تي ٽيڪا کي مبارڪباد ڏني ۽ چيو ته انهن سمورن ڪمن سان ترڪي جي دوستي وڌيڪ مضبوط ٿي رهي آهي. ترڪي ۽ پاڪستان جا لاڳاپا مضبوط آهن ۽ هي لاڳاپا ترڪ جي ادارن جهڙوڪ TIKA. يونس ايمري ۽ ٻين سان وڌيڪ مضبوط ٿيندا. پاڪ ترڪ دوستي هميشه زنده رهندي. ٽيڪا ڪراچي جي پروگرام ڪوآرڊينيٽر خليل ابراهيم بشاران پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ٽيڪا تحت سنڌ ۾ ڪيترائي منصوبا جاري آهن. ترڪي پاڪستان جو پراڻو دوست آهي. هن جناح اسپتال، المصطفيٰ اسپتال سميت ڪيترن ئي اسپتالن ۾ جديد اوزارن جي مدد ڪئي آهي. NICH ۾ آپريشن ٿيٽر جو افتتاح ڪيو ويو اين آءِ سي ايڇ جي ڊائريڪٽر ۽ سي ايم او ڊاڪٽر ناصر سليم سدل چيو ته اين آءِ سي ايڇ هڪ اهڙي اسپتال آهي جيڪا بيڊ جي گنجائش کان وڌيڪ خدمتون فراهم ڪري رهي آهي. ڪيترن ئي اهم مسئلن سان. جديد آپريشن ٿيٽر قائم ڪرڻ هڪ پراڻو مسئلو هو جنهن کي اڄ حل ڪيو ويو مان ٽيڪا جو شڪر گذار آهيان. خاص ڪري ترڪي حڪومت جي ان کان اڳ سنڌ جي نگران صحت واري وزير ترڪ سفير سان گڏجي آپريشن ٿيٽر جو افتتاح ڪيو ۽ مختلف وارڊن جو دورو ڪيو ۽ ٻارن ۾ تحفا ورهايا. ياد رهي ته 2010 کان وٺي، ٽيڪا سڄي پاڪستان ۾ 80 کان وڌيڪ صحت جا منصوبا شروع ڪيا آهن جن جون آفيسون اسلام آباد ۽ ڪراچي ۾ آهن. سنڌ صوبي ۾ صحت جا 7 اهم منصوبا آهن. جن ۾ ٿلهيسيميا، موتيا بند، ڦاٽل چپ ۽ ڦاٽل تالو جهڙن بيمارين جي علاج لاءِ، صحت جا منصوبا شامل آهن. جڏهن ته هن سال ڪرهي گوٺ ۾ ٽيڪا نون ڄاول ٻارن جي ٻڌڻ جي اسڪريننگ جي شعبي ۾ 100 صحت جي سارسنڀال جي ماهرن کي تربيت ڏني آهي ۽ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي 5 اسپتالن کي نون ڄاول ٻارن جي ٻڌڻ لاءِ اسڪريننگ جو سامان عطيو ڪيو آهي.

بقايا *** 17

فوت ٿي ويا ، فوتين جو انگ 6 ٿي ويو آهي پوليس طرفان واقعي بابت اڃان تائين ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آئي آهي ۽ نه ئي ڪو ڪيس داخل ٿي سگهيو آهي اهڙي اطلاع تي ايس ايڇ او گلاب لغاري علي اصغر گوپانگ فوتين جي گهرن ۾ وارثن وٽ پهچي فوتين جي موت جو سبب پڇيو جنهن تي سڀني فوتين جي وارثن فوت ٿي ويلن جي موت کي طبي موت ڄاڻائي بيان ڏيندي چيو ته هو اوچتو فوت ٿي ويا آهن فوتين جا مڙهه سندن گهرن ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. فوت ٿي ويلن جي لاشن جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ لاءِ پوليس لاش آر ايڇ سي ٺٽو غلام علي نيو ويو فوتي هريش جي وارثن پاران فوتي جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ کان انڪار ڪيو. رابطي ڪرڻ تي ايس ايڇ او گلاب لغاري جو چوڻ آهي ته اسان سوشل ميڊيا تي خبرون اچڻ بعد فوت ٿي ويلن جي وارثن کان بيان ورتا آهن جنهن ۾ وارث فوتين طرفان نشو واپرائڻ بعد فوت ٿيڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن جنهن ڪري فوتين جي موت جو سبب ڄاڻڻ لاءِ سڀني فوتين جو پوسٽ مارٽم ڪرايو ويندو جنهن جي رپورٽ اچڻ بعد وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي جڏهن ته فوتين جي وارثن پاران ميڊيا آڏو بيان ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ٻئي طرف ذريعن کان ڄاڻ ملي آهي ته شراب خانن خلاف ڪارروائين بعد شراب نه ملڻ ڪري ڳوٺاڻن زهريلو شراب واپرايو ته اهو واقعو پيش آيو

بقايا *** 18

جي لاءِ خوراڪ، دوائون ۽ ٻيون بنيادي شيون اماڻي. ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ نوازشريف چيو آهي ته اسرائيلي جارحيت صرف فلسطين لاءِ نه آهي پر پوري انسانيت تي حملو آهي ٻارن، عورتن سميت هزارين معصوم شهرين جي شهادت، انساني ضمير جي لاءِ وڏو سواليه نشان آهي. هن چيو ته دنيا کي خبر هجڻ گهرجي ته فلسطين مسئلي جي مستقل حل کان سواءِ پائيدار امن هميشه خطري ۾ رهندو پاڪستان اڄ به هميشه جيان فلسطيني ڀائرن سان گڏ بيٺل آهي. نوازشريف وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي حڪومت کي گهرجي ته هر عالمي فورم تي فلسطينين جي حق ۾ آواز اٿاري. مصيبت ۾ ڦاٿل فلسطيني عوام کي خوراڪ، دوائن ۽ ٻين انساني ضرورت جي فراهمي لاءِ فوري ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا *** 19

. اسرائيلي بمباري ۾ بي گهر ٿيل غزه جا لکين فلسطيني مصر جي سرحد تي گڏ ٿيڻ لڳا پرڏيهي خبرو ادارن موجب آمريڪا، اسرائيل ۽ مصر متاثر فلسطينين جي لاءِ رفح جي سرحد کولڻ تي اتفاق ڪري ورتو آهي، مصر سان لڳندڙ سرحد رفاح تي هزارين فلسطيني گڏ ٿي ويا. هزارين ماڻهو مصر جي سرحد کلڻ جي انتظار ۾ بيٺل آهن پرڏيهي ميڊيا موجب سرحد کلڻ وقت اسرائيل ڏکڻ غزه ۾ فائربندي تي اتفاق به ڪيو آهي. گڏيل قومن جي انساني امداد واري اداري اسرائيل کي غزه جو گهيرو ختم ڪرڻ جي اپيل ڪري ڇڏي آهي يو اين آر ڊبليو اي جي سربراهه فلپ ليزرني چيو آهي ته غزه ۾ زندگيءَ جو تصور ختم ٿيندو پيو وڃي. اسرائيل غزه جو گهيرو فوري طور ختم ڪري. غزه تي اسرائيلي حملن جي نتيجي ۾ شهيد فلسطينين جو انگ 3 هزار کان وڌي ويو. اسرائيلي فورسز لڏپلاڻ ڪندڙ فلسطينين ۽ ايمبولنسز کي به نشانو بڻائڻ لڳيون آهن

بقايا *** 20

ٽيسٽنگ ليب جي افتتاح جي موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته فوڊ سائنسز اينڊ ٽيڪنالاجي ڊپارٽمينٽ ۽ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي وچ ۾ مخلصانه ۽ موثر تعاون ۽ پائيداري گڏيل ڪوشش ذريعي هڪ سنگ ميل حاصل ڪيو آهي جنهن جو مقصد شهر اندر فوڊ سيفٽي ۽ خوراڪ جي اعليٰ معيار کي يقيني بڻائڻ آهي. ڪراچي جي ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته کاڌو اسان جي عوام جي روزاني زندگيءَ ۾ لازمي ۽ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو اهو ضروري آهي ته اسان جيڪي کائون ٿا ان جي معيار ۽ حفاظت تي سخت ڪنٽرول رکون. فوڊ ٽيسٽنگ ليبز هن مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪن ٿيون ۽ کاڌي جي شين جي درست تجزيو ۽ جانچ لاءِ پليٽ فارم مهيا ڪن ٿيون. ان موقعي تي ڊائريڪٽر سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته سنڌ فوڊ اٿارٽي ۽ فوڊ سائنسز اينڊ ٽيڪنالاجي ڊپارٽمينٽ ٻين اسٽيڪ هولڊرز سان گڏجي هڪ اهڙي سهولت قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجا وسيلا، علم ۽ ماهر مختص ڪيا آهن. جيڪا بين الاقوامي معيار مطابق آهي. هن انهن سڀني ماڻهن جو شڪريو ادا ڪيو جن هن خواب کي حقيقت ۾ آڻڻ لاءِ اڻٿڪ محنت ڪئي. انهن جو جذبو قابل تعريف آهي. آغا فخر حسين چيو ته جيئن اسان هن فوڊ ٽيسٽنگ ليب جو افتتاح ڪيون اچو ته ان ذميواري کي پورو ڪرڻ جو عزم ڪريون. اهو اسان جو فرض آهي ته انهي کي يقيني بڻايو وڃي ته هن سهولت کي انتهائي ايمانداري، درستگي ۽ غير جانبداري سان استعمال ڪيو وڃي. هن چيو ته اسان جو گڏيل مشن ڪراچي جي شهرين کي ذهني سڪون فراهم ڪرڻ آهي ته انهن جو کاڌو محفوظ، غذائي ۽ اعليٰ معيار جو آهي. هن چيو ته اهڙي قسم جون فوڊ ٽيسٽنگ ليبارٽريون سنڌ جي ٻين يونيورسٽين ۾ به قائم ڪيون وينديون. تقريب کي وائيس چانسلر خالد عراقي، ڊاڪٽر غفران، ميڊم شينا ناز ۽ ڊاڪٽر راشده پڻ خطاب ڪيو.

بقايا *** 21

آهي ته ٻنهي برادرين ۾ پراڻي دشمني هلي رهي هئي، 2 هفتا اڳ رينجرز جي ڪوشش سان ٻنهي ڌرين ۾ ٺاهه ڪرايو ويو، ٻنهي برادرين قانون جو احترام ڪرڻ جي خاطري ڪرائي آهي. رضاڪارانا طور گرفتاريون ڏيندڙن کي پوليس جي حوالي ڪيو ويو. رينجرز ۽ پوليس عملدارن جي اڳيان ميڊيا سان ڳالهائيندي هٿيار ڦٽا ڪندڙ ڏوهارين جو چوڻ هو ته اسان ڏوهه کان توبهه ڪيون ٿا، برادرين جي سڀني ماڻهن هٿيار ڦٽا ڪيا آهن. اسان امن امان سان رهڻ چاهيون ٿا

بقايا *** 22

پهچائي رهيا آهن. اهي عناصر هن يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جي چونڊ دوران پنهنجي من پسند وائيس چانسلر کي آڻڻ ۾ ناڪام ٿيڻ بعد امجد سراج ميمڻ ۽ جامعه جي خلاف پروپيگنڊا سميت مختلف مسئلا پيدا ڪرڻ جي سازش ۾ ملوث آهن. اهي عناصر ميڊيڪل انٽري ٽيسٽ جا پيپر ليڪ ڪرڻ ۾ سڌي ۽ اڻ سڌي طرح ملوث ٿي سگهن ٿا. ياد رهي ته سنڌ حڪومت ميڊيڪل ڪاليجن جي انٽري ٽيسٽ جو پيپر ليڪ ٿيڻ واري معاملي جي اعليٰ سطحي طور جاچ مڪمل ڪري معاملي کي ايف آءِ اي جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي ۽ ايف آءِ اي معاملي جي جاچ ۾ مصروف آهي ۽ جلد ئي ملوث ڪردار سامهون اچي ويندا.

بقايا *** 23

جي ٽن ڳهرياڻين جي قتل ڪيس جي جوابدار سڪندر چانڊيو ضمانت لاءِ درخواست داخل ڪرائي هئي. امر رباب چانڊيو وڪيل سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿي عدالت ٽرائل ڪورٽ کان رپورٽ طلب ڪندي ٻڌڻي 13 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي ميڊيا نيوز سان ڳالهائيندي امر رباب چانڊيو چيو ته پوري سنڌ کي خبر آهي ته 6 سال اڳ منهنجي والد، ڏاڏي ۽ چاچي کي قتل ڪيو ويو هن چيو ته جيل ۾ ويٺل جوابدار سڪندر چانڊيو ضمانت لاءِ درخواست داخل ڪرائي ته جيئن ڪيس ۾ دير ٿئي. عدالت کي ٻڌايو ته نه صرف سڪندر چانڊيو ٻيا جوابدار مسلسل ڪيس کي ڍلي ڪري رهيا آهن امر رباب چيو ته جوابدار ٽرائل ڪورٽ مان 100 کان وڌيڪ تاريخون وٺي چڪا آهن. ڪيس ڍلي ٿيڻ سان اسان کي مشڪلاتون پيش اينديون پر الله جي ذات ۽ عدالتن مان انصاف جي اميد آهي هن چيو ته عدالت ٽرائل ڪورٽ کان رپورٽ طلب ڪئي آهي ته ڪيس ڍلي ڇو ٿي رهيو آهي

بقايا *** 24

علي خان 1896ع ۾ هندستان جي شهر ڪرنال جي نواب رستم علي خان جي گهراڻي ۾ اکيون کوليون. ابتدائي تعليم کان پوءِ 1918ع ۾ علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين. بعد ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي، برطانيه مان قانون جي ڊگري حاصل ڪيائين نواب خاندان جو سربراهه لياقت علي خان عملي طور 1923ع ۾ سياست جي ميدان ۾ آيو ۽ 1936ع ۾ مسلم ليگ جو سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو لياقت علي خان قائداعظم جو تمام ويجهو ۽ بااعتماد ساٿي هو هن مسلمانن لاءِ الڳ وطن حاصل ڪرڻ لاءِ قائداعظم سان گڏ ڏينهن رات ڪم ڪيو لياقت علي خان آزاديءَ جي تحريڪ دوران هر قدم تي قائداعظم جو ساٿ ڏنو ۽ سندس ڪوشش جي ڪري مسلمانن 1941ع جي چونڊن ۾ ڪانگريس جي خلاف مسلم ليگ کي ووٽ ڏنو انهن بانيڪارن جي اڻٿڪ ڪوشش جي نتيجي ۾ 14 آگسٽ 1947ع تي دنيا جي نقشي تي پاڪستان جي نالي سان هڪ نئون ملڪ وجود ۾ آيو ۽ لياقت علي خان خداداد بادشاهت جو پهريون وزيراعظم ٿيو پاڪستان جي قيام کان پوءِ به هن ملڪ جي نظام کي منظم ڪرڻ ۽ پناهگيرن کي آباد ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ڪجهه سالن کان پوءِ هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو ۽ 16 آڪٽوبر 1951ع تي راولپنڊي جي لياقت باغ ۾ هڪ جلسي دوران سيد اڪبر نالي هڪ شخص لياقت علي خان کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ اهڙي طرح پاڪستان جي تاريخ جو اهم اڳواڻ قائد ملت لياقت علي گذاري ويو. کيس سندس ويجهي دوست ۽ محبوب قائد قائداعظم جي مزار ۾ دفن ڪيو ويو.

بقايا *** 25

. بلاول هائوس ميڊيا سيل طرفان جاري ڪيل پريس رليز موجب بلاول هائوس ۾ ملاقات دوران برطانيا جي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر ساره موني پڻ موجود هئي. ملاقات ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ برطانوي سفارتڪارن گڏيل دلچسپي جي معاملن ۽ ٻطرفن لاڳاپن جي فروغ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

بقايا *** 26

انسپيڪٽر سهيل کي گرفتار ڪرائڻ کان اڳ سزا طور عدالت ٻاهران پرجو هٿي صفائي به ڪرائي. ڪراچي اولهه ضلعي سان تعلق رکندڙ انوسٽيگيشن جي ٻنهي پوليس آفيسرز کي 7 ڏينهن لاءِ جيل اماڻيو ويو

بقايا *** 27

۾ 5 رڪني ڪميٽي ٺاهي آهي جنهن ۾ گهرو وزارت، نادرا ۽ ايف آءِ اي جي سينئر آفيسرن کي شامل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڪميٽي ۾ پاسپورٽ اميگريشن جو هڪ آفيسر سيڪريٽري جا فرض انجام ڏيندو ذريعن ٻڌايو آهي ته ڪميٽي 15 ڏينهن ۾ جعلي پاسپورٽ جاري ڪندڙ ڪردارن ۽ ان جي روڪٿام تي سفارشون ڏيندي. ڪميٽي سعودي عرب امائڻ تي نادرا، ايف آءِ اي ۽ پاسپورٽ آفيسرن جي ذميوارن کان به پڇاڳاڇا ڪندي. ذريعن موجب سيڪشن آفيسر ۽ گهرو وزارت سيب جان ڪميٽي جي جوڙجڪ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي

بقايا *** 28

ٽاسڪ فورس جوڙي وئي آهي ڊائريڪٽر اينٽي انڪروچمينٽ فورس راجا طارق چانڊيو جي سربراهي ۾ اينٽي انڪروچمينٽ فورس جو هنگامي اجلاس ٿيو ترجمان موجب اجلاس ۾ ڊي ايس پي آپريشن طارق اسلام، اي ڊي عبدالوحيد بلو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. سڄي سنڌ ۾ 480 لينڊ گريبرن خلاف ڪيس ٿيل آهن اينٽي انڪروچمينٽ فورس جي ترجمان موجب ڪراچي ۾ 473 لينڊ گريبرن خلاف ڪيس ٿيل آهن. 99 سيڪڙو قبضا مافيا ڪراچي جي قيمتي زمينن تي قبضو ڪيو آهي مفرور جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروايون تيز ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. اينٽي انڪروچمينٽ فورس جي هفتيوار آپريشن جي رپورٽ چيڪ ڪئي ويندي

بقايا *** 29

پوري بند لاشن ۽ ڀتي خوري کي پنهنجي سڃاڻپ بڻايو، متحده پاڪستان اندروني طور ڊئيڊ لاڪ جو شڪار آهي، پي ايس پي جي مافيا متحده کي هاءِ جيڪ ڪري ورتو آهي. هاڻي ڪراچي ۾ متحده جي ڪا به ڊرامي بازي هلڻ نه ڏني ويندي متحده ترجمان بيان جاري ڪندي چيو آهي ته ايم ڪيو ايم جي سياسي سرگرمين تي پيپلزپارٽي واڙائپ جو شڪار آهي. پيپلز پارٽي کي ڪراچي تي قبضي جا خواب ڏڏڪا ٿيندي نظر اچن ٿا. سياسي ٻونا هاڻي ڪراچي ۾ هڪ يوسي جي سيٽ به نٿا کٽي سگهن. مخالف ٿورو صبر ڪن. متحده کين اڃا وڌيڪ پريشان ڪندي

بقايا *** 30

جي التوا واري ڪيسن جو جائزو ورتو. لاڳاپيل عملدارن کان دير جو سبب پڇيو ۽ انهن آفيسن ۾ ايندڙ شهرين کان سندن مسئلن ۽ آفيسن جي ڪارڪردگي بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. ان موقعي تي سيڪريٽري روينيو راجا ايم بي ڌاريجو، چيف انسپيڪٽر آف اسٽيمپس محمد عباس نائچ، آءِ جي رجسٽريشن ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ ساڻس گڏ هئا. ان دوران نگران صوبائي وزير شاهه فيصل ٽالپر جي سب رجسٽرار آفيس خلاف ڪرپشن جي شڪايتن ۽ سندس آفيس ۾ پرائيويٽ ماڻهن جي مبينا مداخلت بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ لاڳاپيل آفيسر کي آءِ جي رجسٽرار حوالي ڪندي ان خلاف قانون موجب جانچ جون هدايتون جاري ڪيون ويون. نگران صوبائي وزير سب رجسٽرار آفيسن جي آفيسرن ۽ عملي کي هدايت ڪئي ته اهي پنهنجا فرض ايمانداري ۽ محنت سان سرانجام ڏين ته جيئن شهرين جي درخواستن تي بروقت عملدرآمد ٿي سگهي. هن چتاءُ ڏنو ته ڪنهن جي خلاف به شڪايت تي ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا *** 31

. ٻڌڻي دوران درخواستگذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته نيشنل ايڪشن پلان 2014ع ۽ 2021 موجب شاهدن جي تحفظ بابت قانون سازي ضروري آهي. گڏيل قومن جي ڪنوينشن تي صحيحن سبب پاڪستان شاهدن جي تحفظ لاءِ قدم کڻڻ جو پابند آهي. درخواستگذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته تحفظ نه هجڻ سبب عدالتن ۾ شاهد پيش نه ٿا اچن ۽ عزير بلوچ جهڙا جوابدار به بري ٿي وڃن ٿا. درخواست ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته شاهدن جي تحفظ جو بل، ايڊوائزري بورڊ ۽ پروٽيڪشن آفيسرن جي مقرري نيشنل ايڪشن پلان موجب ڪئي وڃي درخواست ۾ گهرو وزارت، صوبائي قانون واري وزارت، آءِ جي سنڌ ۽ پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ کي ڌر بڻايو ويو آهي. ٻڌڻي دوران عدالت آءِ جي سنڌ، سنڌ جي گهرو کاتي ۽ ٻين کي 15 نومبر لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا.

بقايا *** 32

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين جي 6 ڪيسن ۾ ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي ملتوي ڪندي اڳوڻي خاتون اول بشريٰ بي بي جي توشه خانه جعلي رسيدن جي ڪيس ۾ عبوري ضمانت ۾ 31 آڪٽوبر تائين واڌ ڪري ڇڏي پي ٽي آءِ چيئرمين کي پيچ ڏاهه. احتجاج ۽ قلم 144 جي ڀڃڪڙي تي داخل 6 ڪيسن ۾ ضمانت جي 6 درخواستن تي ٻڌڻي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج طاهر عباس سپرا ڪئي. ان موقعي تي بشريٰ بي بي توشه خانه جعلي رسيدن جي ڪيس ۾ عدالت جي آڏو پيش ٿي. عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف 6 ڪيسز جي ٻڌڻي 24 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪندي بشريٰ بي بي جي عبوري ضمانت منظور ڪندي 31 آڪٽوبر تائين واڌ ڪري ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي. واضح رهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين جون ضمانت جون 6 درخواستون اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بحال ڪيون هيون.

بقايا سنڌيار 01

ٻلي تي ڪاروائي ڪندي هڪ جوابدار سياڳو ڪوسو کي گرفتار ڪري ورتو ۽ ٽي جوابدار حيدر ، سڪندر ۽ دادو ڪوسو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جڏهن ته شراب جي ڀٽي مان 120 ليٽر شراب ۽ 400 ليٽران تيار ۽ ڊرم ۽ ٻيو سامان برآمد ڪري مٿان منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ورتو آهي انهي موقعي ته تعلقي پوليس اسٽيشن ۾ ڊي ايس پي ٽنڊومحمدخان محمدخان زڱور پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ايس ايس پي ٽنڊومحمدخان جي هدايتن تي سماجي مين پڙي گهڻڪو شراب ۽ ٻين سماجي برائين خلاف مهم جاري آهي ۽ هن ۾ ملوث ماڻهن کي به گرفتارڪيو آهي۽ اسان جي هي مهم منشيات جي خاتمي تائين جاري رهندي

بقايا سنڌيار 02

جي آبادگارن جي حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ اهم گڏجاڻي. خبر موجب ملڙائو ڪئنال تي روٽيشن جو شيڊيول پڌرو نه ڪرڻ ۽ ٽيل تي پاڻي جو گيج پورو نه ڏيڻ خلاف ناراڪينال ٽيل جي آبادگارن جي حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ ٽٺون ڪوٽ پرسان سيڙهي فارم تي محمد يوسف راجپوت جي اڳواڻي ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي. گڏجاڻي ۾ ٽيل آبادگار اڳواڻ ارباب فهد رزاق، موسي احمداڻي ،محبوب احمد ڪهڙو، عثمان هالو، ربنواز نهڙيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي آبادگار اڳواڻن چيو ته ناراڪينال ۾ هن وقت 12000 ڪيوسڪ پاڻي هجڻ باوجود ملڙائون ڪئنال ۾ پاڻي جي روٽيشن برقرار آهي ۽ ٽيل ۾ پاڻي جو گيج پورو نه پيو ڏنو وڃي. جڏهن ته هن مهل تائين ملڙائو ڪئنال تي روٽيشن جو شيڊيول پڌرو ناهي ڪيو. هن چيو ته آبادگارن جي جڏهن به ڪا گڏجاڻي ٿئي ٿي ته آبپاشي عملو حرڪت ۾ اچي هڪ ڏينهن لاءِ پاڻي جو هڪ ٻه ڊيسيمل وڌائن ٿا. وري ساڳي صورتحال پيدا ٿي وڃي. هن چيو ته سالن کان هتان جي آبادگارن کي ضرورت مطابق پاڻي نه ملڻ ڪري انهن جو معاشي قتل عام ٿيندو رهيو آهي پر آبپاشي عملي جي ڪن تي جونءِ به نٿي چري. هن چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ پاران ڏنل فيصلي تي به هن مهل تائين ذري برابر عمل ناهي ٿي سگهيو هن چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي حڪم مطابق چيف سيڪريٽري کي 5 رڪني ڪاميٽي قائم ڪرڻ جو چيو ويو جن کي اهو اختيار ڏنو ويو ته ڪورٽ جي حڪمن تي عملدرآمد ڪرايو وڃي. پر هن مهل تائين عدالتي فيصلي تي عمل ٿيندي نظر نه پيو اچي. هن چيو ته عدالتي فيصلي ۾ اهو به چيو ويو ته نارا ڪئنال تي لفٽ مشينن جي جائز يا ناجائز هجڻ جي رپورٽ ڏني وڃي. ۽ غير قانوني لفٽ مشينون ختم ڪيون وڃن. ۽ هر ضلعي جا نارا ڪئنال جي حد ۾ سيشن ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج واهن ۽ شاخن جي بنا ڪنهن اڳواٽ اطلاع جي معائنو ڪندا رهندا. نارا ڪئنال جي حد ۾ مقرر جج پوليس ۽ ايريگيشن عملدارن سان گڏجي سيڻي ناجائز لفٽ مشينون، پائپ ماڊيولس جو خاتمو ڪندا اهڙي ڪاروائي نارا ڪئنال جي سيني واهن ۽ شاخن تي عمل ۾ آندي ويندي. هن چيو ته عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته نارا ڪئنال ۾ مند ملڙائو تي پاڻي گهٽجڻ جو ذميوار آبپاشي کاتو هوندو اهڙي صورت ۾ آبپاشي آفيسر ۽ سيڪريٽري پاڻي کي پورو ڪري ڏيندا. عدالتي فيصلي باوجود هن مهل تائين ذري برابر عمل آبپاشي کاتو انهي تي عمل ڪرائي ناهي سگهيو. جنهن جي ڪري روٽيشن برقرار آهي. هن مطالبو ڪيو ته ملڙائو ڪئنال تي پاڻي جي روٽيشن جو شيڊيول پڌرو نه ڪيو ويو ۽ ٽيل ۾ پاڻي جو گيج پورو نه مليو ته ايندڙ گڏجاڻي ۾ لاعمل جوڙيو ويندو

بقايا سنڌيار 03

ايم پي اي تحريڪ لبيڪ پاڪستان امير ڪراچي سنڌ مفتي قاسم فخري پنهنجي خصوصي بيان ۾ چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ پهرين نماز جو وقفو نه ٿيندو هو تحريڪ لبيڪ پاڪستان قرار داد پيش ڪري سنڌ ۾ اسيمبلي نماز جي وقفي جو بل پاس ڪرايو 2018 کان پهرين سنڌ اسيمبلي ۾ 18 سالن کان گهٽ عمر ۾ مذهب تبديل نه ڪرڻ جو بل جي ڊي اي جي غير مسلم ميمبر نند لال پيش ڪيو ته ڪو به هندو عيسائي ۽ يهودي مسلمان ٿيڻ چاهي ته نه ٿي سگهندو ان وقت تحريڪ لبيڪ ڪراچي پريس ڪلب تي سخت احتجاج ڪيو ان کان پوءِ خاموشي اختيار ڪئي وئي 2018 کان پوءِ سنڌ اسيمبلي ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان جا ٽي ايم پي اي منتخب ٿي اسيمبلي ۾ آيا ته ٻيهر هي بل اسيمبلي ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي سخت ردعمل کان پوءِ انهي بل کي پيش ٿيڻ نه ڏنو ويو جيڪا تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي فتح آهي خادم حسين رضوي جن جو مشن آهي اسان جو پڻ اهو عقيدو آهي پاڻ سڳورن جي سيرت سموري انسانيت لاءِ نيڪي ۽ هدايت جو سرچشمو آهي. پاڻ سڳورن جي سنتن تي عمل ڪري اسان پنهنجي سمورين مشڪلاتن جو حل ڳولي سگهون ٿا. هن چيو ته خاتم النبين حضرت محمد جي زندگي مبارڪ عدل ۽ انصاف، سچائي گڏيل بقاءِ، انسانيت سان همدردي، صبر ۽ برداشت، امن ۽ محبت جو بهترين مثال آهي. عشره رحمت العالمين ملهائڻ جو مقصد حضور خاتم النبين حضرت محمد جي پيغام کي پوري دنيا ۾ پکيڙڻ آهي. خاتم النبين حضور جو اُمتي هجڻ اسان جي لاءِ الله تعاليٰ جو عظيم احسان آهي الله پاڪ جي ان عظيم احسان جو جيترو به ٿورو ادا ڪريون اهو گهٽ آهي هن چيو ته پاڻ سڳورن جي زندگي مبارڪ ميناره نور آهي ۽ زندگي جي هر شعبي ۾ انسانيت جي لاءِ مشعل راهه آهي. اسرائيل آمريڪا جي مدد سان فلسطين جي مسلمانن تي بي انتها ظلم برپا ڪري رهيو آهي ان جي تدارڪ لاءِ مسلمان ملڪن کي پاڻ ۾ رابطا قائم ڪرڻ ۽ گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. حضور جن صحت مند معاشري جي جوڙجڪ لاءِ هڪ مڪمل ضابطه اخلاق ڏنو آهي قومي توڙي صوبائي اسيمبلين ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي نمائندن جي اچڻ سان اسلام جي پکيڙ مدد ملندي ۽ اسلامي قانون مطابق فيصلا ڪيا ويندا. ان موقعي تي سرپرست اعليٰ حيدرآباد صوفي رضا محمد عباسي سرپرست اعليٰ پير محمد علي جان سرهندي امير امين نواز قادري شهروز رند ۽ ٻيا تحريڪ لبيڪ پاڪستان جا ڪارڪن تمام مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ سردار حاجي امير بخش ملڪاڻي حاجي آمون ڪاتيار تنوير احمد سريوال همدرد حضور جن سان محبت ڪندڙ اسلامي ڀائرن شرڪت ڪئي. هي جلسو سيد امجد علي شاه شيرازي جي زير نگراني رهيو..

بقايا سنڌيار 04

طرف ڳوٺاڻن جي ڪيل احتجاج توڙي اليڪشن ڪميشن ٺٽو کي متاثر ڪوهستان واسين پاران ڏنل درخواست جي آڌار تي اليڪشن ڪميشن ٺٽو پاران متاثر ڪوهستان واسين کي ڊي سي آفيس اليڪشن ڪميشن مڪلي جي آفيس ۾ طلب ڪري ڪاٺن راپا ورتا ويا. جتي ڪوهستاني محمد انور جاڪرو، عمر برفت، عمر پالاري، سائين بخش برفت، قادر جاڪرو، واحد جاڪرو، عبدالرشيد پالاري، بابو پالاري، جبار پالاري، شريف جاڪرو ۽ ٻين جيڪي تازو ڪيل نئين تڪبندين ۾ سنڌن 55 ڳوٺن کي يوسي جهمپير بدران يوسي جنگهڙي ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جيڪا سائن وڏي ناانصافي هجڻ سان گڏ يوسي جنگهڙي تمام گهڻي پري پئي ٿي جنهن ڪري هر ڪم ڪار سانگي وقت سرانجي پهچي ڪو نه سگهندا ۽ نه ئي اليڪشن دوران ووٽ جو صحيح استعمال ڪري سگهندا، جنهن ڪري اهڙي تڪبندين جي ڪيل فيصلي کي واپس وٺي سائن انصاف ڪري پولنگ اسٽيشنون به سندن ڳوٺن ۾ قائم ڪيون وڃن. ان موقعي تي اليڪشن ڪميشن ٺٽو جي عملدارن متاثر ڪوهستان واسين کي يقين ڏهاني ڪرائيندي چيو ته سندن ڪيل شڪايتن تي نظر ثاني ڪرائڻ سميت اليڪشن ڪميشن ٺٽو جي عملدارن پاران ڪوهستان واسين کي ووٽ ساڳي يوسي ۾ واپس ڪرائڻ لاءِ فارم مهيا ڪيا ويا، جيڪي فارم ڀري 25 آڪٽوبر تائين ڪين اليڪشن ڪميشن جي آفيس ۾ جمع ڪرائڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون. ٻئي طرف ڪوهستان سجاڳ تنظيم جي اڳواڻن ڪوهستان واسين کي اپيل ڪئي آهي سائن رابطي ۾ رهي يوسي جهمپير ڪوهستان سٽ پاڳي هڪ جي ڳوٺن کي يوسي جنگهڙي ۾ شامل ڪيو آهي. اهي ڪاٺن فارم وصول ڪري ڀري ڪين ڏين جيئن 25 آڪٽوبر تائين اليڪشن ڪميشن جي آفيس ۾ جمع ڪرائي ڪين ٻيهر يوسي جهمپير ۾ منتقل ڪرائي پريشاني کان بچائي سگهجي.

بقايا سنڌيار 05

مجيب الرحمان خاصخيلي خطاب ڪندي چيو ته ٿيليسيميا هڪ اهڙي بيماري آهي جنهن ۾ معصوم ٻارڙن جو پنهنجو رت ناهي ٺهندو انهن ٻارڙن کي توهان اسان جي رت جي ضرورت پوندي آهي جنهن تي اهي ٻارڙا زنده رهندا آهن ٿيليسيميا جا ٻه قسم آهن هڪ انٽر ميڊيئيٽ ۽ ٻيو ميجر. ٿيليسيميا جا ٻارڙا توهان اسان جي رت جي عطيي ذريعي جيئندا آهن انهن معصوم ٻارڙن جي لاءِ وڌ کان وڌ رت جو عطيو ڏيندا ڪيو ته جيئن انهن ٻچڙن جون جانيون بچائي سگهجن ۽ شادي کان پهريان HB Electrophoresis ٽيسٽ لازمي ڪرائڻ گهرجي جيڪڏهن شادي ڪندڙ ٻئي ٽيسٽ ۾ مائنر اچن ٿا ته انهن جي شادي پاڻ ۾ نه ڪرايو ۽ جيڪڏهن شادي ڪندڙ جوڙي مان هڪ نارمل آهي ته انهن جي شادي ڪرايو ڇاڪاڻ ته مائنر جوڙو جڏهن شادي ڪندو ته انهن جا ٻارڙا ٿيليسيميا ڄمندا. ان موقعي تي دادن رند، لعل خان، افضل علي منگي، پرويز رند، عبدالحفيظ رند سميت رند موري جي آس پاس جي رهواسين ۽ نوشهرو فيروز جي سياسي سماجي سوشل ورڪرن شرڪت ڪئي ۽ 29 آڪٽوبر آچر ڏينهن تي رند موري وٽ معصوم ٻارڙن جي لاءِ صبح 8 بجي کان شام 5 بجي تائين رت جي عطيي جي ڪيمپ لڳائي ويندي جنهن ۾ شهر سميت آس پاس جي نوجوانن کي گذارش ٿي ڪجي ته ڪيمپ جوائن ڪري وڌ کان وڌ رت جو عطيو ڏين

بقايا سنڌيار 06

ڪيو ويو. تفصيل موجب: پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي سڏ تي شڪارپور يونين آف جرنلسٽس پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف شڪارپور يونين آف جرنلسٽس جي صدر آغا اسرار پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ جمائي هال کان شڪارپور پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جتي صحافين قاتلن جي گرفتاري لاءِ شديد نعريبازي ڪئي، احتجاج ۾ ضلعي جي صحافين توڙي سول سوسائٽيءَ پاران ڀرپور شرڪت ڪئي وئي، ان موقعي تي شڪارپور يونين آف جرنلسٽس جي صدر آغا اسرار پٺاڻ، جنرل سيڪريٽري عبدالسلام انڙ، شڪارپور پريس ڪلب جي صدر رحيم بخش جمالي، زاهد ٽونن، اياز منگي، جميل مهر، عبدالخالق سومرو ۽ ٻين چيو ته سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل کي ٻن مهينن کان مٿي عرصو گذري چڪو آهي پر پوليس قاتلن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي. ايترو عرصو گذرڻ باوجود پوليس جي نااهلي سبب قاتل گرفتار ناهن ٿي سگهيا. هن چيو ته نگران قانون واري صوبائي وزير پاران جان محمد مهر جي قتل کي برادري معاملو چوائڻ جي مذمت ڪندي چئون ٿا ته اهو بيان جان محمد مهر جو خون لوڙهڻ جي سازش آهي. صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري ۾ هاڻي وڌيڪ دير برداشت نه ڪئي ويندي. جيڪڏهن قاتلن کي جلد گرفتار نه ڪيو ويو ته اعلي قيادت جي حڪم تي پوري ملڪ ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. هن مطالبو ڪيو ته شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي. هن آءِ جي سنڌ ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪري صحافين مان بيچيني ختم ڪئي وڃي، ان موقعي تي عارف قريشي، ابراهيم بروهي، عبدالرزاق بروهي، حڪيم جتوئي، سلطان سومرو، عتيق ڏڪڻ، عديل علوي، سجاد پٽي، اشرف پٽي، ذوالفقار مگسي، عزيز نون، غلام قادر، رشيد شاهه، فرحان ابڙو، مظفر ابڙو، فهيم منگي، عزيز شيخ، نياز سومرو، محمد وريل شيخ، زبير احمد، الاهي بخش شيخ ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا سنڌيار 07

ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ گندو پاڻي واپرائڻ جي نتيجي ۾ گيسٽرو خطرناڪ صورتحال اختيار ڪري وئي 50 کان وڌيڪ مريض اسپتال داخل ٿيڻ سبب تعلقه اسپتال مانجهند جا بيڊ ختم ٿي ويا مريضن ۾ ٻارن جي اڪثريت سان گڏ عورتون مرد پڻ شامل آهن ٻارڙا مريضن ۾ فرزانه ڪاڇي هالار ڪاڇي سميرا ڪاڇي عشا سويرا ۽ ٻيا شامل آهن مريضن جي گهڻائي سبب اسپتال ۾ ڪين سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي ويو آهي 2 ٻارڙن جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب ڪين سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي تعلقه اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر نذير جتوئي ٻڌايو ته گندو پاڻي واپرائڻ سبب گيسٽرو مريضن جو انگ وڌيو آهي

بقايا سنڌيار 08

ڪنڊڙ ڪوٽ عالمون مڊل اسڪول جي هيڊماسٽر عبدالغني ميمڻ، جمال ناصر ميمڻ، عامر ميمڻ، رمضان ميمڻ ۽ ٻين طرفان ديهه آراڙو جي بااثر جوابدارن خلاف پنجاري پل چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي معزز استاد عبدالغني ميمڻ ميڊيا سان ڳالهيندي چيو ته ديهه آراڙو ۾ منهنجي 40 ايڪڙ کان وڌيڪ سروي زمين موجود آهي، پنهنجي زمين تي موجود هئس بااثر جوابدارن دينو ملاح، اعجاز، بگو ملاح، مصطفي ۽ صدر ملاح مون تي حملو ڪري سخت زخمي ڪيو. ان بعد هٿيارن جي زور تي تلائن ۾ موجود لکين روپين جي مڇي ۽ زمين ۾ بيٺل آبادي چوري ڪري ويا آهن، جنهن جو ڪيس ڊڙو ٿاڻي تي داخل آهي، ان باوجود پوليس بااثر جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هنن اعلان ڪيو ته جوابدارن کي فورن گرفتار ڪري نقصان جو ازالو ڪرايو وڃي. ٻئي صورت ۾ برانچ موري سجاول ٺٽو اهم قومي شاهراه تي ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا سنڌيار 09

ڪلب ٺٽو کان ايس ايس پي آفيس ٺٽو تائين هڪ ريلي ڪڍي ايس ايس پي آفيس ٺٽو اڳيان ڌرڻو هنيو احتجاج دوران ايس ايس پي ٺٽو آفتاب نظاماڻي ڌرڻو هنندڙ صحافين پهچي ڳالهيون ڪيون جنهن ڪانپوءِ بدمست ايس ايڇ او ميرپور ساڪرو مظهر سومرو خلاف شوڪاز نوٽيس جاري ڪندي، سپاهي ڪيس ايس ايس پي آفيس ۾ پيش ٿي جواب ڏيڻ جو حڪم جاري ڪيو جڏهن ته ايس ايس پي ٺٽو آفتاب نظاماڻي سندس سربراهي هيٺ صحافين ۽ پوليس آفيسرن تي هڪ ڪميٽي پڻ جوڙي جيڪا معاملي جو جائزو وٺندي انهي موقعي تي نيشنل پريس ڪلب ٺٽو جو صدر محبوب بروهي- جنرل سيڪريٽري محمد ميمڻ. عمر ڪنڀار - ٺٽو پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو جو صدر ممتاز سميجو .جنرل سيڪريٽري پيرل پياسي ملاح. عوامي پريس ڪلب جو صدر بلاول سمڻ - جنرل سيڪريٽري اي بي شورو. گهارو پريس ڪلب جو صدر سيد دائم شاهه. ميمبر سيد عمران علي شاهه. جنگشاهي پريس ڪلب جو صدر رحيم جوکيو ٺٽو پريس ڪلب جو ميمبر ۽ صحافي رشيد جاڪرو. پورو سرڪي - اجرڪ سنڌ نيوز گروپ جو چيف اگزيڪيٽو جاويد لطيف ميمڻ ، جيئي سنڌ محاذ جو ضلعي صدر امجد شورو، پ پ ب شهيد ڀٽو جو صدر بابو احسان پٽو، ميرپور ساڪرو سان تعلق رکندڙ سماجي اڳواڻ حق نواز لاشاري سميت صحافين جو وڏو انگ موجود هو

بقايا سنڌيار 10

خطاب ڪندي لال پائي اسڪول جي چيئرمين عاطف خواجه ، پرنسپل سوزي خواجه، استادن سمير علي، محمد علي ، مس عازمين ۽ ٻين چيو ته نفسياتي ۽ دماغي بيمارين جو علاج ان وقت ممڪن آهي جڏهن هن جي باري ۾ مڪمل آگاهي هجي، دماغي طور صحت مند رهڻ لاءِ راندين ۽ سليون ڪل پوگ وارين ڳالهين صحت تي بهترين اثر ڇڏينديون آهن صحت مند دماغ جي لاءِ اسان کي ماحول کي خوشگوار بڻائڻ گهرجي. آخر ۾ شاگردن شاگردياڻين وچ ۾ راندين جا الڳ الڳ مقابلا ٿيا ، جنهن ۾ بيڊمنٽن، سائيڪل ريس، بال ڪيچ ۽ پزل گيم سميت ٻيون رانديون شامل هيون، راندين جي مقابلن ۾ ڪامياب شاگردن شاگردياڻين ۾ انعامات پڻ تقسيم ڪيا ويا

بقايا سنڌيار 11

بعد ضلعي صدر خليفه منير احمد ڪلهوڙو تمام معززين کي پليڪارڊ چيو براتجن ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي، عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وآله وسلم جي موضوع تي علامه خليفه علي حسن لاشاري طاهري خطاب دلنواز فرمايو ان کان بعد خصوصي ليڪچر ۽ دعايا ڪلمات سان مولانا خليفه نعمت قريشي طاهري جن پروگرام جو اختتام فرمايو

بقايا سنڌيار 12

معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ اسپتال جي ڊاڪٽرن کان مختلف بيمارين بابت سوال ڪيا. اسپتال ۾ موجود ايم ايس ڊاڪٽر غلام رسول سولنگي، شفا فائونڊيشن پاران مقرر ڪيل فيميل ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر عليزا اسلم پوهيو، مليريا سيڪشن جي انچارج اسٽاف نرس جام نياز سهتو سميت اسپتال جي سموري عملي اسڪول جي استادن ۽ شاگردن سان تمام گهڻو تعاون ڪيو ۽ شاگردن طرفان پڇيل سوالن جا سائنسي سبب ۽ انهن جا حل تفصيل سان سمجهايا. ۽ چيو ته دماغ انسان جو هيڊ آف ڊپارٽمينٽ آهي جيڪڏهند ۾ به سورن عضون سان جڙيل رهي ٿو اسان کي بيمارين کان ڪان بچڻ لاءِ صفائي جو خاص خيال رکڻ سان گڏ نماز قائم ڪرڻ گهرجي.

بقايا سنڌيار 13

6 ڇه ٿي ريونيوٽين ۾ هريش ميگهواڙ کيمون ميگهواڙ نانگجي ٻچائو ۽ فقيرو ٻچائو ڪالهه فوت ٿي ويا هئا جڏهن ته اڄ ٻه 2 ڄڻا آچاريل ۽ خانو ڪولهي فوت ٿي ويا جڏهن ته رات 3 ڄڻن جو پوسٽ مارٽم ڪري جڙا ليبارٽري موڪليا ويا آهن پوليس پاران واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي نه وري ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي آ ٻي طرف الزام ۾ آيل ڊر ميڊيڪل اسٽور بند ۽ گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا ياد رهي فوتين جو تعداد وڌڻ جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي

بقايا سنڌيار 14

پنهنجي ذاتي مفادن خاطر جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وقار کي نقصان پهچائي رهيا آهن. اهي عناصر هن يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جي چونڊ دوران پنهنجي من پسند وائيس چانسلر کي اڳتي ۾ ناڪام ٿيڻ بعد امجد سراج ميمڻ ۽ جامعه جي خلاف پروپيگنڊا سميت مختلف مسئلا پيدا ڪرڻ جي سازش ۾ ملوث آهن اهي عناصر ميڊيڪل انٽري ٽيسٽ جا پيپر ليڪ ڪرڻ ۾ سڌي ۽ اڻ سڌي طرح ملوث ٿي سگهن ٿا. ياد رهي ته سنڌ حڪومت ميڊيڪل ڪاليجن جي انٽري ٽيسٽ جو پيپر ليڪ ٿيڻ واري معاملي جي اعليٰ سطحي طور جاچ مڪمل ڪري معاملي کي ايف آءِ اي حوالي ڪري ڇڏيو آهي ۽ ايف آءِ اي معاملي جي جاچ ۾ مصروف آهي ۽ جلد ئي ملوث ڪردار سامهون اچي ويندا

بقايا سنڌيار 15

حمل جو رهواسي ضمير حسين ولد عبدالجبار خاصخيلي پنهنجي ماءُ فاطمه ۽ مامي جان محمد سان گڏجي تعلقه پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاج ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ڇه ڏينهن اڳ اسان جا چاچا عبدالستار ولد حاجي خان خاصخيلي، بگن ولد حاجي خان، عبدالغفار ولد بگن خاصخيلي، حسن ولد عبدالله خاصخيلي اسان جي گهر ۾ داخل ٿي منهنجي امڙ مٿان تشدد ڪري ٻه مڻ ڪڻڪ ۽ 14 سونيون والبيون کڻي ويا آهن. اهڙي قسم جو اطلاع اسان حمل پوليس کي ڏنو آهي پر پوليس انتظاميه اسان سان ڪو به تعاون نه پئي ڪري هن ايس ايس پي قمبر ڊي آءِ جي لاڙڪانو آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته اسان غريب مسڪين آهيون نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 16

جنهن ۾ غريب شاگردن شاگردياڻين کي اسڪالر شپ پروگرام ڏيڻ سميت هنر جي سکيا جا ادارا پڻ قائم ڪري رهيا آهيون جنهن ۾ بنا مقبيد هر قبيلي جو فرد لاڀ حاصل ڪري سگهي ٿو ان وقت ڪراچي ، حيدرآباد ۾ قريشي برادري طرفان موبائيل ايمبولينس سروس ، اسپتالون ۽ اسڪول هلي رهيا آهن جلد ٽنڊومحمدخان ۾ پڻ هي سهولتون فراهم ڪندا سين اسان جو عزم انسانيت جي خدمت آهي هي رستو اسان جي نبي سڳوري حضرت محمد طرفان ڏسيل آهي تقريب جي آخر ۾ فلسطيني ڀائرن لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي

بقايا سنڌيار 17

جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ مڪلي ۽ ويجهو سيمنٽ فيڪٽري لڳ ڳوٺ محمد سومار جوکيو جي ڪيترن ئي رهواسين پاران سندن ڳوٺ جي بند ٿيل اسڪول جي ڪولرائي زبون حال اسڪول جي بلڊنگس جي مرمت ڪرائي ٻارڙن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ هڪ احتجاجي مظاهرو ڳوٺ سڌار سنگت ضلعي ٺٽي جي ڪوارڊينيٽر محمد ابراهيم جوکيو، ٽائون ڪميٽي مڪلي جي ڪائونسلر الهيجايو جوکيو، محمد رمضان جوکيو، STP اڳواڻ قطب الدين جوکيو، صاحبڏنو سمون، حاجن شورو، طارق عمراڻي، ڪامريڊ بشير جوکيو، فيصل جوکيو جي اڳواڻي ۾ ڪندي چيو سندس ڳوٺ جو پرائمري اسڪول محمد خان جوکيو گذريل 6 مهينن کان بند هجڻ ڪري هڪ سئو کان وڌيڪ ٻارڙا تعليم کان محروم بڻجي رهيا آهن. جڏهن اسڪول جي بلڊنگس زبون حال بڻيل آهي، جنهن مان ڇاپوڙا ڪرڻ روز جو معمول بڻيل آهي. جنهن ڪري ٻارڙن جون حياتيون هميشه خطري هيٺ آهن. هن چيو ته تعليم کاتي جي عملدارن کي بار بار آگاهي باوجود تعليم کاتو هن طرف ڪو به ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، هن ڊي سي ٺٽو، تعليم کاتي جي عملدارن سميت نگران سنڌ حڪومت جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فورن بند ٿيل سندن پرائمري اسڪول ڪرائي ٻارڙن کي تعليم ڏياري سندن ٻارڙن جو مستقبل سنواري گوسڙو استاد کي ڊيوٽي جو پابند بنائي زبون حال بلڊنگس جي مرمت ڪرائي ٻارڙن کي امڪاني نقصان کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 18

انشورنس ڪمپني تمام ضروري ضرورتون پوريون ڪرڻ ۽ گهربل دستاويز فوري طور تي جمع ڪرائڻ جي باوجود انشورنس جي دعويٰ جي مڃڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي. اسٽيٽ لائف انشورنس ڪمپني لميٽيڊ اجا تائين انشورنس دعوي تي عمل نه ڪيو آهي. ڊاڪٽر کي ڇڏي ڏنو عطيا اڳ ۾ ئي مشڪل وقت ۾ مالي پريشاني جي حالت ۾ ڊاڪٽر عطيا، ڪميونٽي جي هڪ معزز ميمبر ۽ هڪ غمگين بيوه، پنهنجي حق ۽ پنهنجي مرحوم مڙس جي لائف انشورنس پاليسي جي جائز دعويٰ لاءِ وڙهڻ لاءِ پرعزم آهي. وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ، هڪ ادارو، جيڪو انصاف، شفافيت ۽ انصاف کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي. هاڻي ڪيس جي جاچ ڪئي آهي ۽ اسٽيٽ لائيف انشورنس ڪمپني کي دعويٰ ادا ڪرڻ جو حڪم ڏيندي شڪايت ڪندڙ جي حق ۾ فيصلو جاري ڪيو آهي. اسٽيٽ لائيف صدر جي آڏو اپيل داخل ڪئي آهي. اسلامي جمهوريه پاڪستان ۾ ساڳيو رد ڪيو ويو ۽ معزز وفاقي محتسب جي فيصلي ۽ اسٽيٽ لائيف انشورنس ڪمپني کي هدايت ڪئي ته ڪليم جي رقم بيوه ڊاڪٽر عطيه کي ادا ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 19

جو ٻيون ڏينهن به پرائيويٽ اسڪولن جي شاگردن استادن ۽ شهرين جي رش لڳل. ڪتابي ميلي ۾ ڪيمبرج پبلڪ هاءِ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن، استاد زاهد زنگيجو، محمد حنيف بروهي، اياز علي چانڊيو بريڪ ٽائيم تي سوين شاگردن کي ڪتابي ميلي ۽ ڪتاب جي اهم بابت آگاهه ڪري ڪتابي ميلي جو دورو ڪرايو، جتي طبقاتي جدوجهد جي مرڪزي اڳواڻ ڪامريڊ اعجاز بگهيو، ڪتابي ميلي ۾ آيل شاگردن استادن ۽ شهرين کي ڪتابن جي اسرار متعلق آگاهه ڪندي چيو ته ڪتاب ئي هن سماج ۾ روشني پيدا ڪرڻ جو سبب بڻيا آهن اسان توهان کي گهرجي ته هن جديد مصروفيات واري دور ۾ هڪ ڪلاڪ ڪتابن کي ڏجي جئين هو اسان جي زندگي جا پيچيده رستا آسان ڪرڻ ۾ مدد ڪن. ڪتابي ميلي جا ميزبان عبدالرزاق گاڏهي، نويد گاڏهي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان طبقاتي جدوجهد جي ڪامريڊ سهيل چانڊيو، اعجاز ٻپر، عيسي چانڊيو رشيد بگهيو بابر چانڊيو فقير جاويد ۽ هن شهرين جا تمام گهڻا مشڪور آهيون جن وڏي پيماني تي اسان سان سهڪار ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 20

ٿيڻ تي صحافين ۾ شهيد جي وارثن ۾ بي چيني وڌي وئي آهي ان سلسلي ۾ سکر يونين آف جرنلسٽس پاران صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب آڏو 64 ڏينهن به سکر جي شهيد ڪيل بهادر صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي بڪ هڙتال وارو سلسلو جاري رکيو ويو صحافين جان محمد جي قاتلن ۽ سهولتڪارن خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي سينيئر صحافين خالد پٺاڻ .جلال الدين ٻيو، عمر سومرو، ڪاشف قلبوٽو. يار محمد سومرو، عبدالغفور شيخ، جهانزيب وسير، فيصل آرائين. مجيب ورند ، ارشاد ڏيڻ عنايت پٽي، بخش علي قلبوٽو ۽ ٻين شرڪت ڪئي احتجاج ۾ شامل اڳواڻن چيو ته 64 ڏينهن گذرڻ باوجود سکر پوليس پاران مک قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ افسوس جو مقام آهي صحافين ۽ وارثن کي انصاف جون خاطريون ڪرائيندڙ سنڌ حڪومت ۽ سکر پوليس خاموش تماشائي وارو ڪردار ادا پئي ڪري جنهن سبب بي چيني وڌندي پئي وڃي جيستائين اصل قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي نه ٿو آندو وڃي جدوجهد جاري رکي ويندي احتجاج ۾ ابراهيم سومرائي، بابر ڪوڪر اشفاق ڪوسو عبدالرزاق سولنگي، سجاول سومرو، مرتضيٰ سميجو، .عقيل احمد، جوهر حسين، نادر سنجراڻي، اسلم دايو، ۽ ٻيا موجود هئا جڏهن آل پاڪستان سومرا ايسوسيئيشن جي چيف آرگنائيزر محمد سليمان سومرو، پر پ ليڊيز ونگ شبانه خاڪي ،وائيس آف رائيٽ پور جي اڳواڻ ڊاڪٽر نذير ڪوڪر ۽ سندس ساٿين يڪجهتي طور شرڪت ڪري قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو

بقايا سنڌيار 21

جو ڪم روزانو جي بنياد تي ڪري رهيا آهيون. اهڙن خيالن جو اظهار ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ٿرپارڪر ڊاڪٽر دودو چانڊيو ٿرپارڪر ۾ چوپائي مال کي ٿيندڙ ويڪسين جي حوالي سان جاري ڪيل بيان ۾ ڪيو. هن چيو ته لائيو اسٽاڪ کاتي سنڌ جي هدايتن تي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جي نگراني ۾ ٿرپارڪر جي چوپائي مال کي مفت ۾ مختلف بيمارين کان بچاءَ جي ويڪسين ڪرڻ سميت بيمار جانورن جو علاج ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته ٿرپارڪر جي مختلف ڳوٺن مٺڙيو پٽي، ڇيلهار، ڏلن جو تڙ، ويجهيار، اسلام ڪوٽ، لکميار، هرٽيئر، ماٺهور ويٺا، ليلو، بجارو ميگهواڙ، رتن جو تڙ، ڪانڪيو، پاڙور سميت ٻين ڳوٺن ۾ موجود چوپائي مال کي موسم جي حوالي سان مختلف پکوجنڊڙ بيمارين کان بچاءَ جي ويڪسين ڪئي وئي آهي. ان سان گڏوگڏ ڳوٺن توڙي شهرن ۾ بيمار جانورن جو مفت علاج ڪيو ويو آهي، هن چيو ته لائيو اسٽاڪ کاتي ٿرپارڪر جون موبائل ٽيمون

بقايا سنڌيار 22

سبب نوجوان نسل تباهه مختلف بيمارين ۾ ورنجي ويا ڪيميڪل واري شراب جي استعمال سان ڪيترائي نوجوانن جي زندگي جو ڏيئو وسامي ويو اسڪولي شاگردن عورتن جو وڏو انگ به منشيات جو عادي بڻيل وس وارن کان تدارڪ جو مطالبو تفصيل موجب جهڏو پوليس جي سرپرستي سرپرستي ۾ منشيات جو ڪاروبار بدستور جاري صوبيدار جهڏو نوڪوٽ ڏاجهورو موري گهگهه موري سلور موري آهوري روشن آباد غلام حسين ڪالوني ڪوس پاڙو سبزي منڊي جمڙائو موري باڪر نوڪوٽ فضل پنيرو نفيس ۾ منشيات وڪرجيان وڪامن لڳو آهي ديسي شراب جيون سڀين ڀٺيون قائم جتان روزانو هزارين ليٽر ڪيميڪل وارو شراب تيار ٿيڻ لڳو جيڪا جهڏو نوڪوٽ ملي پنگريو بدين عمرڪوٽ تائين سپلائي جهڏو مان ٿيڻ لڳي آهي جڏهن ته بي باسي خرڪار منشيات فروشن جي وڏي تاڪ ۾ جهڏو ۾ قائم ٿيل آهي جهڏو پوليس انتظاميه منشيات فروشن جي رکوال بڻيل آهي اعلي احڪام کي ڪارڪردگي ڏيکارڻ لاءِ راهه گيرن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري جيل حوالي ڪريو ڇڏي جهڏو جي سياسي سماجي اڳواڻ باغي راهمون مولانا شعيب سنڌي سارنگ پٽي ۽ ٻين ٻين چيو ته صوبيدار منشيات فروشن بدران ڪيبين وارن يا راهه ويندڙ راهگيرن کي گرفتار ڪري ٿو پر ڪنهن به منشيات فروش يا ٻئي مالڪن خلاف ڪاروائي ڪرڻ کان لاچار آهي هنن ڊي آئي جي مير پور خاص ايس ايس پي ميرپور خاص کان مطالبو ڪيو آهي ته منشيات فروشن کي روڪڻ لاءِ جهڏو پوليس کي پابند بڻايو وڃي ۽ هرولسيل ڊيلرن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪندي بڪ هڙتالي ڪيمپ قائم ڪبي

بقايا سنڌيار 23

سنڌس فرزندن فقير سيٺ عرفان علي جروار ،عمران علي جروار جي پاران پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ حضرت مولانا محمد حسن بصري طاهري جن حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جي حيات طيبه ۽ سيرت النبي صلعم بابت محفل ۾ پنهنجي تقرير ذريعي چانڻ ڏني، سيرت النبي بابت ڳالهائيندي هن چيو ته هن ڪائنات ۾ هر پيغمبر کي معجزو مليو ۽ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم پنهنجو پاڻ ۾ هڪ معجزو هئا، پاڻ ڪريم صلعم جي زندگي ايتري پاڪيزه ۽ عظيم هجڻ سان گڏ انسان ذات لاءِ مشعل راهه آهي، وقت جي امامن، ولي ۽ اوليائن سيرت النبي صلعم جي روشني ۾ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي ۽ ڪامياب ٿي ويا. اسان کي به رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي زندگي کي مشعل راهه بڻائي هلڻ گهرجي ته ضرور ڪامياب ٿينداسين. پاڻ ڪريم صلعم جي زندگي ڪاميابيءَ جو گس ۽ هدايت جو درس آهي. سيرت النبي صلعم جو اصل پيغام آهي ته زندگي ڪيئن گذارجي. انسانيت جي خدمت ڪرڻ گهرجي. ان موقعي تي ڏاڏو خليفو مظهر الدين منگي ڏاڏو صلاح الدين منگي ،فقير شاه محمود پٽو،ضمير حسين پٽو،مقصود علي پٺو،محمد قاسم جروار،غلام مرتضيٰ جروار، منصور پٽو،محمد اسماعيل پٽو،۽ ٻياشريڪ ٿيا. جڏهن نعت خوانن ۽ فقير عبد الرسول ناريجو،عنايت شيخ،صدام علي ابڙو، عبدالرحيم ڪوڪر ۽ ٻين نعت ۽ مولود پيش ڪيا جڏهن ته اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض فقير ساجد حسين حيدري جروار ڏنا. آخر ۾ ميلاد مصطفيٰ صلي الله عليه واله وسلم جو لنگر تقسيم ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 24

عبدالمجيد جسڪاڻي،جنرل سيڪريٽري طارق سولنگي عبدالله چانڊيو،صداقت علي زنگيجو،منور علي ميراڻي،مشاهد حسين ٻه مظفر جوڻيجو،محمد هاشم جوڻيجو،جميل احمد دايو،آصف علي چنڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ضلع ڪائونسل آفيس کان ريلي ڪڍي مختلف روڊن جو گشت ڪندي سکر پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪري چٽي نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي مظاهرين کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته ضلع ڪائونسل سکر جي اڳوڻي ائڊمنسٽريٽر اعجاز احمد پلهه ۽ ضلع ڪائونسل جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه ڪرسي جو ناجائز استعمال ڪندي سکر ۽ لاڙڪانو ڊويزن سميت سنڌ جي مختلف شهرن جي ٽائون ڪميٽيز مان سينيئر ڪلارڪ، اسسٽنٽ، جونيئر ڪلارڪ، اينٽي انڪروچمينٽ آفيسر سميت مختلف پوسٽن تي 60 کان وڌيڪ ملازم گهرائي مقرر ڪيا آهن جنهن سان نه رڳو ضلع ڪائونسل جي سينيئر آفيسرز ۽ ملازمن جي حق تلفي ٿي آهي پر هر مهيني قومي خزاني کي به نقصان پهچي رهيو آهي جنهن جي ڪري ضلع ڪائونسل جا ڪورٽ سارا سينيئر ملازم ترقين جي اوسيئڙي ۾ ويٺل آهن جن جي حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي، هنن نگران حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي معاملي جو نوٽيس وٺي ٻاهرين ملازمن کي هٽائي حقدارن کي حق ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 25

عبدالغفور، ريحان علي ڇڄڻ ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو اسان جو سوسالا قديمي ڳوٺ آهي جڏهن ته ڪجهه بااثر اسان جي زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا. اسان زمين خريد ڪئي هئي. جنهن جي آخري قسط ڪاتي جي ڪري رهيل آهي. جيڪا اسان ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهيون جڏهن مخالف ڌر ڪاتي ڏيڻ کان ڦري وئي آهي. جنهن جا اسان وٽ اسٽامپ پيپر موجود آهن جڏهن ته عدالتي جي چگنن اسان جي حق ۾ فيصلا ڏنا آهن ان باوجود به اسان کي حراسان ڪري اسان جي زمين تي قبضو ڪيو پيو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته اسان ابن ڏاڏن جا هتي ويٺل آهيون سڄي علائقي کي خبر آهي ته اسان غريب پورهيت ماڻهو آهيون اسان جي قديمي ڳوٺ جي زمين تي پاڙ ان محمد هاشم موچي، غلام قمبر، ڪرم ڏنو عرف ڪوڙو، سجاد، شهمير موچي ۽ ٻيا قبضو ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اسان کي پڻ موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. جن سان اسان کي جان جو خطرو آهي. هنن ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي سکر، ايس ايڇ او مبارڪپور ۽ لاڳاپيل ادارن کان تحفظ ۽ انصاف جي گهر ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 26

دين محمد راڄپر، شاهزيب علي راڄپر، رضوان احمد راڄپر، علي شان آريجو، وليداد ساوند، ياسر علي ڪلوڙ، سلمان علي ملاح، شاهه جان چانڊيو ۽ ٻيا موجود هئا. انڊس لائيرس گروپ جي سيني عهديدارن طرفان انساني حقن جي حاصلات لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ سينئر وڪيل جي ايم ڪوراڻي کي صدارتي اميدوار طور KBA اليڪشن 2024 ۾ ڀرپور ساٿ ڏيڻ ۽ سپورٽ ڪرڻ جي يقين ڏهاني ڪرائي. آجياڻي تقريب ۾ وڏي انگ ۾ وڪيل برادري شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 27

النبي جي سلسلي ۾ اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين طرفان حضرت محمد مصطفيٰ جي ولادت جي شان ۾ مولود شريف نعتن جو سلسلو هلندو رهيو ۽حضور ڪريم جن جي شان ۾ قوالي جي رڪارڊن تي بهترين رڪس جو مظاهرو پڻ ڪيو ويو هيو اتي خطاب ڪندي مقررين چيو ته رسول پاڪ جي آمد سبب سموري ڪائنات کي بخشش ملي، حضرت محمد مصطفيٰ جو ميلاد ملهائڻ سان روحاني سڪون ملي ٿو. ٻارهن ربيع اول جو ڏينهن آسمانن تي سمورن فرشتن ۽ زمين تي انسانن مٿان رحمتن جو ڏينهن آهي.ان موقعي تي خطاب ڪندي ٽي او ايليمينٽري قاضي احمد ممتاز علي سيال ذيشان پبلڪ اسڪول جي پرنسپال سيد وارث علي شاهه احسان جمالي استاد اعظم ڏاهري ۽ ٻين چيو ته حضور ڪريم اسان کي پاڻ ۾ محبت امن پائيچاري سان رهڻ جو درس ڏنو جيڪو به حضور ڪريم جي آمد تي محفلون سجائيندو خوشيون ملهائيندو ان کي وڌ اجر ۽ ثواب ملندو ۽ سيني مصيبتن کان بچندو رهندو هنن وڌيڪ چيو ته هي رحمتن برڪتن وارو مهينو نصيبن وارن کي نصيب ٿيندو آهي. هن مهيني جي ٻارهين ربيع اول تي حضور ڪريم جي آمد جي رات آهي جيڪي الله پاڪ جا ٻانها ۽ سڀ مسمان وڏي عقيدي احترام سان ملهائيندا آهيون اسين هيءَ خوشيءَ جو سڄو مهينو محفلون مچائيندا رهندا آهيون ڇو ته اسان جو عشق عقيدت اسان جي حضور رسول ڪريم سان آهي. پوري ڪائنات جا انسان وڻ ٻوٽا ٻاهرا خوشي ملهائيندا رهندا آهن. اسان کي حضرت محمد ڪريم جي آمد تي اسان کي پنهنجن پراون جي سڃاڻپ ملي ٿي اسان کي هي جيڪو ڪجهه مليو آهي اهو حبيب ڪريم جي ڪري مليو رهيو آهي اسان هر سال وانگر جشن آمدمصطفيٰ جي خوشي ۾ ميلاد ملهائيندا رهندا آهيون جنهن سان اسان کي دلي ۽ روحاني سڪون ملي ٿو. الله پاڪ کان دعا آهي اسان کي منڙي محمد مصطفي جي ڏسيل واٽ تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي آمين. جڏهن ته مشهور نعت خوان قاصر نواز ڪلهوڙو بهترين نعتون پڙهيون اسڪول جي ٻارڙن به نعتون پڙهيون ٻڌندڙن ويٺل ماڻهن کي جهوماي ڇڏيو ۽ خوب داد حاصل ڪيو آخر ۾ محفل ۾ شريڪ ٿيندڙ سمورن عاشقان رسول کي لنگر کارايو ويو.

بقايا سنڌيار 28

۾ نگران حڪومت امن ڪرڻ جي لاءِ پوليس ۽ رينجرز جو جيڪو گڏيل آپريشن جو اعلان ڪيو هو ۽ سوين رينجرز جون گاڏيون ڏيکاريون ويون سڀ ڍونگ هو هن وقت تائين نه ڌوهارين جي خلاف آپريشن ٿي سگهي ته امن ملي سگهيو . پاڪستان جي فوج سياست سميت هر شعبي ۾ مداخلت ڪري ٿي ته اها اسان جي فوج آهي پوءِ امن ڏيارڻ جي لاءِ ڪجهه چو نه پئي ڪري شڪارپور جوادارا ايس ايس پي شيعه علماءِ کان سيڪورٽي واپس ڪئي آهي جيڪڏهن ڪو به دهشتگرديءَ جو واقعو ٿيو ته ايس ايس پي شڪارپور ذميدار هوندو. ايس ايس پي شڪارپور خالد مصطفي ڪورائي جي دؤرو ۾ ته سمورو ٿاڻو ئي اغوا ٿي ويو آهي. تفصيل موجب مجلس وحدت المسلمين جي مرڪزي اڳواڻ علامه مقصود احمد ڊومڪي وحدت هاؤس خانپور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسرائيل فلسطين جي رياست ۽ فلسطين جي ماڻهن تي ظلم ڪري رهيو آهي. پاڪستان جي نگران حڪومت چوي ٿي ٻن رياستن جو جهيڙو آهي حقيقت اها آهي ته اسرائيل دنيا جي رولو ماڻهن جو ٽولو آهي اسرائيل جو ڪو وجود نه آهي فلسطين صرف فلسطينين جو آهي يهودي هڪ مذهب آهي اسان سموري يهودين جي نه پر اسرائيل جي رياست جا مخالف آهيون ۽ مجلس وحدت المسلمين دنيا جي هر مذهب جو احترام ڪري ٿي ۽ هر ظلم ڪندڙ سان بغاوت مظلومن سان حمايت اسان جو منشور آهي. پاڪستان جي حڪومت سميت مسلمان ملڪن جي حڪمرانن جي اسرائيل پاران مظلوم فلسطينين تي ظلم جي خلاف خاموشي ڪئي آهي بهتر آهي ته اهي چوڙيون پائي ويهي رهن جيڪي پنهنجي مسلمانن جي مدد نه ٿا ڪري سگهن هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته نگران حڪومت ۾ ايندي ئي شڪارپور ڪشمور ڪنڌڪوٽ جي علائقن ۾ رينجرز ۽ فوج جي آپريشن جا اعلان ڪيا ويا ۽ سوين رينجرز ۽ پوليس جون گاڏيون ڪچي پهچي ويون نگران صوبائي گهرو وزير، آءِ جي سنڌ سميت رينجرز آفيسرن نقشا رکي پبلسٽي ڪئي پر آپريشن ته هن وقت تائين نه ٿي سگهي آهي ويتر شڪارپور ضلعي جي ڪوٽ شاهو ٿاڻي تي ڌاڙيلن حملو ڪري ايس ايڇ او سميت پوليس اهلڪارن کي ئي اغوا ڪري کڻي ويا جيڪي 6 ڏينهن کان ڌاڙيلن وٽ مغوي بڻيل آهن سي عوام کي ڪهڙو تحفظ ڏيندا . عوام امن جو مطالبو ڪري ٿو هتي ڌوهاري کلي عام ماڻهو ماري مسافرن کي اغوا ڪري کڻي وڃن ٿا ۽ ڀنگ جا پئسا گهرڻ جي لاءِ سوشل ميڊيا تي ويڊيو پري وائرل ڪن ٿا مغوين تي تشدد جا ويڊيو وائرل ڪيا وڃن ٿا ٻارن کي به اغوا ڪري انهن جا ويڊيو وڏي دليري سان وائرل ڪن ٿا پاڪستان جي فوج جيڪا اسان جي پنهنجي فوج آهي جيڪڏهن سياست ۾ مداخلت ڪري ٿي ۽ پاڪستان جي عوام کي اها خبر آهي ته جنهن کي فوج آئيندي اهو ئي پاڪستان جو وزير اعظم ٿيندو ته پوءِ عوام کي امن جي لاءِ ڪردار چو نه ٿا ڪري سگهن. رينجرز جيڪا سنڌ جي حڪومت تي بار بڻيل آهي سنڌ جي بجيٽ مان ڪروڙين روپين جون پگهارون ۽ ٻيون مراعتون کڻن پيا پر عوام کي امن جي لاءِ ڪو به ڪردار ادا نه ٿا ڪري سگهن ته پوءِ سنڌ ۾ رينجرز جي موجودگيءَ جو ڪهڙو فائدو آهي . ايس ايس پي شڪارپور خالد مصطفي ڪورائي جيڪو امن بحال ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام نظر اچي ٿو شڪارپور جي شهيدن جا ڪيس وڙهندڙ وڪيل مظهر علي ۽ شيعه اڳواڻن کان سيڪيورٽي واپس ورتي آهي جيڪڏهن ڪا دهشتگردي ٿي ته ان جا ذميدار ايس ايس پي شڪارپور ۽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو سميت پوليس عملدار هوندا ايس ايس پي شڪارپور چوي ٿو شڪارپور ۾ امن آهي ته انهن سبب سيڪيورٽي واپس ورتي آهي جيڪڏهن امن آهي ته پوءِ سمورو ٿاڻو ڪيئن اغوا ٿي ويو. مجلس وحدت المسلمين مرڪزي اڳواڻ علامه مقصود احمد ڊومڪي جي پريس ڪانفرنس وقت مجلس وحدت المسلمين ضلع شڪارپور صدر زوار اصغر علي سيال، ثابت علي شاهه، طاهر علي ۽ ٻيا شيعه اڳواڻ پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 29

لاءِ آيا آهيون گذريل ڏينهن مڙس رامون ڪولهي ڪيبن تي ٻارن لاءِ بسڪوٽ وٺڻ ويو ته پوليس پڪڙي شراب وڪرو ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته اسان غريب مسڪين مزدور ماڻهو آهيون پوليس مير محمد ڪوسو جي شراب جي ڀٽي تي ڇاپو هنيو مير محمد ڀڄي ويو منهنجو مڙس ٻاهر روڊ تي ڪيبن تان بسڪيٽ ورتا پئي ته پوليس پڪڙي ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي جيڪو اسان مسڪينن سان ظلم آهي هن چيو ته اسان جي گهر ۾ کائڻ لاءِ اٽو ناهي ٻار بک تي ويٺل آهن پوليس چوي ٿي ته عدالت مان ضمانت ڪرائي مڙس کي ڇڏايو اسان وٽ ڊگهڙي جي عدالت تائين پهچڻ جيترا پئسا نه آهن اسان سخت پريشان آهيون هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي تدارڪ ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 30

ڪيو ويو جنهن ۾ علائقي جي مشهور نعت خوانن نعتون چئي ويٺلن جون دليون ٺاري ڇڏيون نبي ڪريم صہ جي آمد جا قصا بيان ڪري ٻنهي جهانن جي سردار جي زندگي تي روشني وڌي وئي ڳوٺ بشيرآباد منگي ۾ حاجي الطاف حسين منگي استاد محمد حسن منگي ۽ صحافي مير حسن منگي جي اڳڻ تي جشن عيد ميلادالنبي صہ جو شاندار پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ علائقي جي مشهور نعت خوان فقير محمد راڄڙ گلشير سوڍو منظور ملڪ عديل منگي ۽ ٻين نعتون پڙهي ويٺلن جون دليون ٺاري ڇڏيون جڏهن ته مولوي نياز احمد چنڙ شاهد حسين مهر حافظ صابر پٽي امتياز حسين مهتمر ۽ ٻين ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد صہ جي آمد جي موضوع سميت سندس سموري زندگي تي روشني وڌي پروگرام جي آخر ۾ ملڪ جي سلامتي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون گڏوگڏ لنگر به تقسيم ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 31

جي اڳواڻي ايم اين اي ذوالفقار علي ٻهڻ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته اسرائيل جي دهشتگردي فوري طور بند ڪئي وڃي ۽ فلسطيني عوام کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. نوشهروفيروز اندر ٿيندڙ ترقياتي ڪمن جي باري ۾ ٻڌايو ته مون ڏيڍ سال ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن منهنجي ڏڪ ۾ 14 سئو مسجدن، امام بارگاهن ۾ سولر لائيٽون لڳايون ويون آهن ۽ مختلف ڳوٺن ۾ پڻ اهڙو ڪم جاري آهي هن چيو ته نوشهروفيروز، پڊعيدن، دريا خان، نورپور سميت مختلف علائقن ۾ پيور سولر لائيٽ، فلٽر پلانٽ جي اسڪيمن تي ڪم جاري آهي. انشاء الله پيپلز پارٽي سڄي پاڪستان مان اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيندي ۽ بلاول ڀٽو وزيراعظم ٿيندو

بقايا سنڌيار 32

چيئر ۽ سلائي مشينون ورهايون. ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو ته هي خصوصي ٻارڙا اسان جي خصوصي توجهه جا طالب آهن اسان کي گهرجي ته اسان ٻين ٻارڙن کان وڌيڪ انهن ٻارڙن تي ڌيان ڏيون ته جيئن اهي ٻارڙا معاشري جا ڪار آمد شهري ثابت ٿين هن چيو ته اسسٽنٽ ڪمشنر بدين رابيه سيد جي ڪوشش سان ويل چيئر ۽ سلائي مشينون ورهايون پيون وڃن اسان مان هر هڪ شهري جو فرض آهي ته هر انهن ٻارڙن جي تعليم ۽ تربيت ۾ پنهنجو حصو جي ڪم ڪري ان موقعي تي ٻنهي سينٽرن جي انچارج مختيار احمد ٻرڙو بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ٻنهي سينٽرن ۾ ٽوٽل 93 ٻارڙا ۽ 8 استاد آهن ٻارڙن کي يونيفارم ۽ ڪتاب مفت ڏنا ويندا آهن ان سان گڏ مفت پڪ اينڊ ڊراپ ۽ ٽي ماهي وظيفو پڻ ڏنو ويندو آهي ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون جاويد احمد ڏاهري، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو محمد نواز ڪلوڙ. ٿيليسيميا سينٽر جو انچارج ڊاڪٽر هارون ميمڻ، سماجي اڳواڻ عبدالمجيد ميمڻ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 33

ڪلوئي ۾ ورڪشاپ ڪوٺايو ويندو ورڪشاپ جو اهو مقصد آهي ته هن ورڪشاپ ۾ زراعت ۽ ماحوليات تبديلن ته ڳالهايو ويندو اڳواڻن چيو ته اسان ٿرپارڪر جي بنيادي مسئلن لاءِ جاکوڙ ڪنداسين انهي موقعي تي ٿر سٽيزن فورم ڪلوئي جا اڳواڻ رضا هالو عباس ٿري ۽ ٻيا وڏي انگ ۾ موجود هئا

بقايا سنڌيار 34

ته سنڌ مان افغاني پناهگير کي نيڪال ڪيو وڃي جيڪي سنڌ لاءِ ناسور بڻيل آهن. افغاني سنڌ ۾ دهشتگردي ڪري سنڌ تي قابض ٿيڻ چاهين ٿا، افغانين سميت سنڌ مان ڌارين کي نيڪال ڪيو وڃي. سنڌ اهو صرف سنڌين جي آهي ان موقعي تي گو افغاني گو جا نعرا لڳايا ويا. ۽ وقتي حڪمرانن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته جيڪي غير ملڪي سنڌ ۾ رهن ٿا انهن کي جلد نيڪال ڪيو وڃي ته ته ٻي صورت ۾ احتجاجن جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 35

۾ نگران حڪومت امن ڪرڻ جي لاءِ پوليس ۽ رينجرز جو جيڪو گڏيل آپريشن جو اعلان ڪيو هو ۽ سوين رينجرز جون گاڏيون ڏيکاريون ويون سڀ ڍونگ هو هن وقت تائين نه ڌوهارين جي خلاف آپريشن ٿي سگهي ته امن ملي سگهيو . پاڪستان جي فوج سياست سميت هر شعبي ۾ مداخلت ڪري ٿي ته اها اسان جي فوج آهي پوءِ امن ڏيارڻ جي لاءِ ڪجهه چو نه پئي ڪري شڪارپور جوادارا ايس ايس پي شيعه علماءِ کان سيڪورٽي واپس ڪئي آهي جيڪڏهن ڪو به دهشتگرديءَ جو واقعو ٿيو ته ايس ايس پي شڪارپور ذميدار هوندو. ايس ايس پي شڪارپور خالد مصطفي ڪورائي جي دؤرو ۾ ته سمورو ٿاڻو ئي اغوا ٿي ويو آهي. تفصيل موجب مجلس وحدت المسلمين جي مرڪزي اڳواڻ علامه مقصود احمد ڊومڪي وحدت هاؤس خانپور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسرائيل فلسطين جي رياست ۽ فلسطين جي ماڻهن تي ظلم ڪري رهيو آهي. پاڪستان جي نگران حڪومت چوي ٿي ٻن رياستن جو جهيڙو آهي حقيقت اها آهي ته اسرائيل دنيا جي رولو ماڻهن جو ٽولو آهي اسرائيل جو ڪو وجود نه آهي فلسطين صرف فلسطينين جو آهي يهودي هڪ مذهب آهي اسان سموري يهودين جي نه پر اسرائيل جي رياست جا مخالف آهيون ۽ مجلس وحدت المسلمين دنيا جي هر مذهب جو احترام ڪري ٿي ۽ هر ظلم ڪندڙ سان بغاوت مظلومن سان حمايت اسان جو منشور آهي. پاڪستان جي حڪومت سميت مسلمان ملڪن جي حڪمرانن جي اسرائيل پاران مظلوم فلسطينين تي ظلم جي خلاف خاموشي ڪئي آهي بهتر آهي ته اهي چوڙيون پائي ويهي رهن جيڪي پنهنجي مسلمانن جي مدد نه ٿا ڪري سگهن هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته نگران حڪومت ۾ ايندي ئي شڪارپور ڪشمور ڪنڌڪوٽ جي علائقن ۾ رينجرز ۽ فوج جي آپريشن جا اعلان ڪيا ويا ۽ سوين رينجرز ۽ پوليس جون گاڏيون ڪچي پهچي ويون نگران صوبائي گهرو وزير، آءِ جي سنڌ سميت رينجرز آفيسرن نقشا رکي پبلسٽي ڪئي پر آپريشن ته هن وقت تائين نه ٿي سگهي آهي ويتر شڪارپور ضلعي جي ڪوٽ شاهو ٿاڻي تي ڌاڙيلن حملو ڪري ايس ايڇ او سميت پوليس اهلڪارن کي ئي اغوا ڪري کڻي ويا جيڪي 6 ڏينهن کان ڌاڙيلن وٽ مغوي بڻيل آهن سي عوام کي ڪهڙو تحفظ ڏيندا . عوام امن جو مطالبو ڪري ٿو هتي ڌوهاري کلي عام ماڻهو ماري مسافرن کي اغوا ڪري کڻي وڃن ٿا ۽ ڀنگ جا پئسا گهرڻ جي لاءِ سوشل ميڊيا تي ويڊيو پري وائرل ڪن ٿا مغوين تي تشدد جا ويڊيو وائرل ڪيا وڃن ٿا ٻارن کي به اغوا ڪري انهن جا ويڊيو وڏي دليري سان وائرل ڪن ٿا پاڪستان جي فوج جيڪا اسان جي پنهنجي فوج آهي جيڪڏهن سياست ۾ مداخلت ڪري ٿي ۽ پاڪستان جي عوام کي اها خبر آهي ته جنهن کي فوج آئيندي اهو ئي پاڪستان جو وزير اعظم ٿيندو ته پوءِ عوام کي امن جي لاءِ ڪردار چو نه ٿا ڪري سگهن. رينجرز جيڪا سنڌ جي حڪومت تي بار بڻيل آهي سنڌ جي بجيٽ مان ڪروڙين روپين جون پگهارون ۽ ٻيون مراعتون کڻن پيا پر عوام کي امن جي لاءِ ڪو به ڪردار ادا نه ٿا ڪري سگهن ته پوءِ سنڌ ۾ رينجرز جي موجودگيءَ جو ڪهڙو فائدو آهي . ايس ايس پي شڪارپور خالد مصطفي ڪورائي جيڪو امن بحال ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام نظر اچي ٿو شڪارپور جي شهيدن جا ڪيس وڙهندڙ وڪيل مظهر علي ۽ شيعه اڳواڻن کان سيڪيورٽي واپس ورتي آهي جيڪڏهن ڪا دهشتگردي ٿي ته ان جا ذميدار ايس ايس پي شڪارپور ۽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو سميت پوليس عملدار هوندا ايس ايس پي شڪارپور چوي ٿو شڪارپور ۾ امن آهي ته انهن سبب سيڪيورٽي واپس ورتي آهي جيڪڏهن امن آهي ته پوءِ سمورو ٿاڻو ڪيئن اغوا ٿي ويو. مجلس وحدت المسلمين مرڪزي اڳواڻ علامه مقصود احمد ڊومڪي جي پريس ڪانفرنس وقت مجلس وحدت المسلمين ضلع شڪارپور صدر زوار اصغر علي سيال، ثابت علي شاهه، طاهر علي ۽ ٻيا شيعه اڳواڻ پڻ موجود هئا .

بقايا سنڌيار 36

جي آبادگارن جي حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ اهم گڏجاڻي. خبر موجب ملڙائو ڪئنال تي روٽيشن جو شيڊيول پڌرو نه ڪرڻ ۽ ٽيل تي پاڻي جو گيج پورو نه ڏيڻ خلاف ناراڪينال ٽيل جي آبادگارن جي حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ ٽٺون ڪوٽ پرسان سيڙهي فارم تي محمد يوسف راجپوت جي اڳواڻي ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي. گڏجاڻي ۾ ٽيل آبادگار اڳواڻ ارباب فهد رزاق، موسي احمداڻي ،محبوب احمد ڪهڙو، عثمان هالو، ربنواز نهڙيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي آبادگار اڳواڻن چيو ته ناراڪينال ۾ هن وقت 12000 ڪيوسڪ پاڻي هجڻ باوجود ملڙائون ڪئنال ۾ پاڻي جي روٽيشن برقرار آهي ۽ ٽيل ۾ پاڻي جو گيج پورو نه پيو ڏنو وڃي. جڏهن ته هن مهل تائين ملڙائو ڪئنال تي روٽيشن جو شيڊيول پڌرو ناهي ڪيو. هن چيو ته آبادگارن جي جڏهن به ڪا گڏجاڻي ٿئي ٿي ته آبپاشي عملو حرڪت ۾ اچي هڪ ڏينهن لاءِ پاڻي جو هڪ ٻه ڊيسيمل وڌائن ٿا. وري ساڳي صورتحال پيدا ٿي وڃي. هن چيو ته سالن کان هتان جي آبادگارن کي ضرورت مطابق پاڻي نه ملڻ ڪري انهن جو معاشي قتل عام ٿيندو رهيو آهي پر آبپاشي عملي جي ڪن تي جونءِ به نٿي چري. هن چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ پاران ڏنل فيصلي تي به هن مهل تائين ذري برابر عمل ناهي ٿي سگهيو هن چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي حڪم مطابق چيف سيڪريٽري کي 5 رڪني ڪاميٽي قائم ڪرڻ جو چيو ويو جن کي اهو اختيار ڏنو ويو ته ڪورٽ جي حڪمن تي عملدرآمد ڪرايو وڃي. پر هن مهل تائين عدالتي فيصلي تي عمل ٿيندي نظر نه پيو اچي. هن چيو ته عدالتي فيصلي ۾ اهو به چيو ويو ته نارا ڪئنال تي لفٽ مشينن جي جائز يا ناجائز هجڻ جي رپورٽ ڏني وڃي. ۽ غير قانوني لفٽ مشينون ختم ڪيون وڃن. ۽ هر ضلعي جا نارا ڪئنال جي حد ۾ سيشن ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج واهن ۽ شاخن جي بنا ڪنهن اڳواٽ اطلاع جي معائنو ڪندا رهندا. نارا ڪئنال جي حد ۾ مقرر جج پوليس ۽ ايريگيشن عملدارن سان گڏجي سيڻي ناجائز لفٽ مشينون، پائپ ماڊيولس جو خاتمو ڪندا اهڙي ڪاروائي نارا ڪئنال جي سيني واهن ۽ شاخن تي عمل ۾ آندي ويندي. هن چيو ته عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته نارا ڪئنال ۾ مند ملڙائو تي پاڻي گهٽجڻ جو ذميوار آبپاشي کاتو هوندو اهڙي صورت ۾ آبپاشي آفيسر ۽ سيڪريٽري پاڻي کي پورو ڪري ڏيندا. عدالتي فيصلي باوجود هن مهل تائين ذري برابر عمل آبپاشي کاتو انهي تي عمل ڪرائي ناهي سگهيو. جنهن جي ڪري روٽيشن برقرار آهي. هن مطالبو ڪيو ته ملڙائو ڪئنال تي پاڻي جي روٽيشن جو شيڊيول پڌرو نه ڪيو ويو ۽ ٽيل ۾ پاڻي جو گيج پورو نه مليو ته ايندڙ گڏجاڻي ۾ لاعمل جوڙيو ويندو.

بقايا سنڌيار 37

۾ نگران حڪومت امن ڪرڻ جي لاءِ پوليس ۽ رينجرز جو جيڪو گڏيل آپريشن جو اعلان ڪيو هو ۽ سوين رينجرز جون گاڏيون ڏيکاريون ويون سڀ ڍونگ هو هن وقت تائين نه ڌوهارين جي خلاف آپريشن ٿي سگهي ته امن ملي سگهيو . پاڪستان جي فوج سياست سميت هر شعبي ۾ مداخلت ڪري ٿي ته اها اسان جي فوج آهي پوءِ امن ڏيارڻ جي لاءِ ڪجهه چو نه پئي ڪري شڪارپور جوادارا ايس ايس پي شيعه علماءِ کان سيڪورٽي واپس ڪئي آهي جيڪڏهن ڪو به دهشتگرديءَ جو واقعو ٿيو ته ايس ايس پي شڪارپور ذميدار هوندو. ايس ايس پي شڪارپور خالد مصطفي ڪورائي جي دؤرو ۾ ته سمورو ٿاڻو ئي اغوا ٿي ويو آهي. تفصيل موجب مجلس وحدت المسلمين جي مرڪزي اڳواڻ علامه مقصود احمد ڊومڪي وحدت هاؤس خانپور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسرائيل فلسطين جي رياست ۽ فلسطين جي ماڻهن تي ظلم ڪري رهيو آهي. پاڪستان جي نگران حڪومت چوي ٿي ٻن رياستن جو جهيڙو آهي حقيقت اها آهي ته اسرائيل دنيا جي رولو ماڻهن جو ٽولو آهي اسرائيل جو ڪو وجود نه آهي فلسطين صرف فلسطينين جو آهي يهودي هڪ مذهب آهي اسان سموري يهودين جي نه پر اسرائيل جي رياست جا مخالف آهيون ۽ مجلس وحدت المسلمين دنيا جي هر مذهب جو احترام ڪري ٿي ۽ هر ظلم ڪندڙ سان بغاوت مظلومن سان حمايت اسان جو منشور آهي. پاڪستان جي حڪومت سميت مسلمان ملڪن جي حڪمرانن جي اسرائيل پاران مظلوم فلسطينين تي ظلم جي خلاف خاموشي ڪئي آهي بهتر آهي ته اهي چوڙيون پائي ويهي رهن جيڪي پنهنجي مسلمانن جي مدد نه ٿا ڪري سگهن هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته نگران حڪومت ۾ ايندي ئي شڪارپور ڪشمور ڪنڌڪوٽ جي علائقن ۾ رينجرز ۽ فوج جي آپريشن جا اعلان ڪيا ويا ۽ سوين رينجرز ۽ پوليس جون گاڏيون ڪچي پهچي ويون نگران صوبائي گهرو وزير، آءِ جي سنڌ سميت رينجرز آفيسرن نقشا رکي پبلسٽي ڪئي پر آپريشن ته هن وقت تائين نه ٿي سگهي آهي ويتر شڪارپور ضلعي جي ڪوٽ شاهو ٿاڻي تي ڌاڙيلن حملو ڪري ايس ايڇ او سميت پوليس اهلڪارن کي ئي اغوا ڪري کڻي ويا جيڪي 6 ڏينهن کان ڌاڙيلن وٽ مغوي بڻيل آهن سي عوام کي ڪهڙو تحفظ ڏيندا . عوام امن جو مطالبو ڪري ٿو هتي ڌوهاري کلي عام ماڻهو ماري مسافرن کي اغوا ڪري کڻي وڃن ٿا ۽ ڀنگ جا پئسا گهرڻ جي لاءِ سوشل ميڊيا تي ويڊيو پري وائرل ڪن ٿا مغوين تي تشدد جا ويڊيو وائرل ڪيا وڃن ٿا ٻارن کي به اغوا ڪري انهن جا ويڊيو وڏي دليري سان وائرل ڪن ٿا پاڪستان جي فوج جيڪا اسان جي پنهنجي فوج آهي جيڪڏهن سياست ۾ مداخلت ڪري ٿي ۽ پاڪستان جي عوام کي اها خبر آهي ته جنهن کي فوج آئيندي اهو ئي پاڪستان جو وزير اعظم ٿيندو ته پوءِ عوام کي امن جي لاءِ ڪردار چو نه ٿا ڪري سگهن. رينجرز جيڪا سنڌ جي حڪومت تي بار بڻيل آهي سنڌ جي بجيٽ مان ڪروڙين روپين جون پگهارون ۽ ٻيون مراعتون کڻن پيا پر عوام کي امن جي لاءِ ڪو به ڪردار ادا نه ٿا ڪري سگهن ته پوءِ سنڌ ۾ رينجرز جي موجودگيءَ جو ڪهڙو فائدو آهي . ايس ايس پي شڪارپور خالد مصطفي ڪورائي جيڪو امن بحال ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام نظر اچي ٿو شڪارپور جي شهيدن جا ڪيس وڙهندڙ وڪيل مظهر علي ۽ شيعه اڳواڻن کان سيڪيورٽي واپس ورتي آهي جيڪڏهن ڪا دهشتگردي ٿي ته ان جا ذميدار ايس ايس پي شڪارپور ۽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو سميت پوليس عملدار هوندا ايس ايس پي شڪارپور چوي ٿو شڪارپور ۾ امن آهي ته انهن سبب سيڪيورٽي واپس ورتي آهي جيڪڏهن امن آهي ته پوءِ سمورو ٿاڻو ڪيئن اغوا ٿي ويو. مجلس وحدت المسلمين مرڪزي اڳواڻ علامه مقصود احمد ڊومڪي جي پريس ڪانفرنس وقت مجلس وحدت المسلمين ضلع شڪارپور صدر زوار اصغر علي سيال، ثابت علي شاهه، طاهر علي ۽ ٻيا شيعه اڳواڻ پڻ موجود هئا .

بقايا سنڌيار 38

جي آبادگارن جي حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ اهم گڏجاڻي. خبر موجب ملڙائو ڪئنال تي روٽيشن جو شيڊيول پڌرو نه ڪرڻ ۽ ٽيل تي پاڻي جو گيج پورو نه ڏيڻ خلاف ناراڪينال ٽيل جي آبادگارن جي حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ ٽٺون ڪوٽ پرسان سيڙهي فارم تي محمد يوسف راجپوت جي اڳواڻي ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي. گڏجاڻي ۾ ٽيل آبادگار اڳواڻ ارباب فهد رزاق، موسي احمداڻي ،محبوب احمد ڪهڙو، عثمان هالو، ربنواز نهڙيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي آبادگار اڳواڻن چيو ته ناراڪينال ۾ هن وقت 12000 ڪيوسڪ پاڻي هجڻ باوجود ملڙائون ڪئنال ۾ پاڻي جي روٽيشن برقرار آهي ۽ ٽيل ۾ پاڻي جو گيج پورو نه پيو ڏنو وڃي. جڏهن ته هن مهل تائين ملڙائو ڪئنال تي روٽيشن جو شيڊيول پڌرو ناهي ڪيو. هن چيو ته آبادگارن جي جڏهن به ڪا گڏجاڻي ٿئي ٿي ته آبپاشي عملو حرڪت ۾ اچي هڪ ڏينهن لاءِ پاڻي جو هڪ ٻه ڊيسيمل وڌائن ٿا. وري ساڳي صورتحال پيدا ٿي وڃي. هن چيو ته سالن کان هتان جي آبادگارن کي ضرورت مطابق پاڻي نه ملڻ ڪري انهن جو معاشي قتل عام ٿيندو رهيو آهي پر آبپاشي عملي جي ڪن تي جونءِ به نٿي چري. هن چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ پاران ڏنل فيصلي تي به هن مهل تائين ذري برابر عمل ناهي ٿي سگهيو هن چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي حڪم مطابق چيف سيڪريٽري کي 5 رڪني ڪاميٽي قائم ڪرڻ جو چيو ويو جن کي اهو اختيار ڏنو ويو ته ڪورٽ جي حڪمن تي عملدرآمد ڪرايو وڃي. پر هن مهل تائين عدالتي فيصلي تي عمل ٿيندي نظر نه پيو اچي. هن چيو ته عدالتي فيصلي ۾ اهو به چيو ويو ته نارا ڪئنال تي لفٽ مشينن جي جائز يا ناجائز هجڻ جي رپورٽ ڏني وڃي. ۽ غير قانوني لفٽ مشينون ختم ڪيون وڃن. ۽ هر ضلعي جا نارا ڪئنال جي حد ۾ سيشن ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج واهن ۽ شاخن جي بنا ڪنهن اڳواٽ اطلاع جي معائنو ڪندا رهندا. نارا ڪئنال جي حد ۾ مقرر جج پوليس ۽ ايريگيشن عملدارن سان گڏجي سيڻي ناجائز لفٽ مشينون، پائپ ماڊيولس جو خاتمو ڪندا اهڙي ڪاروائي نارا ڪئنال جي سيني واهن ۽ شاخن تي عمل ۾ آندي ويندي. هن چيو ته عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته نارا ڪئنال ۾ مند ملڙائو تي پاڻي گهٽجڻ جو ذميوار آبپاشي کاتو هوندو اهڙي صورت ۾ آبپاشي آفيسر ۽ سيڪريٽري پاڻي کي پورو ڪري ڏيندا. عدالتي فيصلي باوجود هن مهل تائين ذري برابر عمل آبپاشي کاتو انهي تي عمل ڪرائي ناهي سگهيو. جنهن جي ڪري روٽيشن برقرار آهي. هن مطالبو ڪيو ته ملڙائو ڪئنال تي پاڻي جي روٽيشن جو شيڊيول پڌرو نه ڪيو ويو ۽ ٽيل ۾ پاڻي جو گيج پورو نه مليو ته ايندڙ گڏجاڻي ۾ لاعمل جوڙيو ويندو.

بقايا سنڌيار 39

انشورنس ڪمپني تمام ضروري ضرورتون پوريون ڪرڻ ۽ گهربل دستاويز فوري طور تي جمع ڪرائڻ جي باوجود انشورنس جي دعويٰ جي مڃڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي. اسٽيٽ لائف انشورنس ڪمپني لميٽيڊ اجا تائين انشورنس دعوي تي عمل نه ڪيو آهي. ڊاڪٽر کي ڇڏي ڏنو عطيا اڳ ۾ ئي مشڪل وقت ۾ مالي پريشاني جي حالت ۾ ڊاڪٽر عطيا، ڪميونٽي جي هڪ معزز ميمبر ۽ هڪ غمگين بيوه، پنهنجي حق ۽ پنهنجي مرحوم مڙس جي لائف انشورنس پاليسي جي جائز دعويٰ لاءِ وڙهڻ لاءِ پرعزم آهي. وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ، هڪ ادارو، جيڪو انصاف، شفافيت ۽ انصاف کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي. هاڻي ڪيس جي جاچ ڪئي آهي ۽ اسٽيٽ لائيف انشورنس ڪمپني کي دعويٰ ادا ڪرڻ جو حڪم ڏيندي شڪايت ڪندڙ جي حق ۾ فيصلو جاري ڪيو آهي. اسٽيٽ لائيف صدر جي آڏو اپيل داخل ڪئي آهي. اسلامي جمهوريه پاڪستان ۾ ساڳيو رد ڪيو ويو ۽ معزز وفاقي محتسب جي فيصلي ۽ اسٽيٽ لائيف انشورنس ڪمپني کي هدايت ڪئي ته ڪليم جي رقم بيوه ڊاڪٽر عطيه کي ادا ڪئي وڃي.

روزاني سنڌيار کي
نمائندا گهرجن

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر اعجاز مهر
ڪراچي
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com